# وياج ۽ ان جو علاج

سنڌي ترجمو





- قرض ڏيڻ جو ثواب 4
- قرض تي نفعو وٺڻ وياج آهي 7
- وياج سان پاڳل پڻ ڦهلجي ٿو 11
- آهہ وياج ئي وياج 22
- برڪت ۽ ڪثرت ۾ فرق 30
- قيامت جي ڏينهن وياج خور جي حالت 35
- وياج جو علاج 42
- وياج کان بچڻ جون صورتون 67



پيشڪش

مرڪزي مجلس شوريٰ (دعوت اسلامي)

مكتبة المدينه (دعوتِ اسلامي)

ڏسندا رهو

هي ڪتاب وياج ۽ ان جي نحوستن، ۽ ان ڪان بچڻ جي طريقن تي مشتمل آهي

# وياج ۽ ان جو علاج

پيشڪش

**مرڪزي مجلس شوريٰ (دعوت اسلامي)**

## سنڌي ترجمو

**مجلسِ تراجم** هن ڪتاب جو آسان سنڌي زبان ۾ ترجمي ڪرڻ جي وس آهر ڪوشش ڪئي آهي. جيڪڏهن ترجمي يا ڪمپوزنگ ۾ ڪٿي ڪا ڪمي بيشي نظر اچي ته **مجلس تراجم** کي آگاهه ڪري ثواب جا حقدار بڻجندا ـ

**رابطي جي لاءِ: مڪتب مجلس تراجم (دعوت اسلامي)**
**عالمي مدني مرڪز فيضان مدينه محله سوداگران**
**پراڻي سبزي منڊي باب المدينه ڪراچي**
**فون نمبر: 021-34921389-90-91**
*E-mail: majlistarajim@dawateislami.net*

بِسۡمِ اللهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡمِ

اَلصَّلٰوۃُ وَالسَّلَامُ عَلَيۡكَ يَا رَسُوۡلَ اللهِ


بيان جو نالو: وياج ۽ ان جو علاج

پيشڪش: مرڪزي مجلسِ شوريٰ (دعوتِ اسلامي)

اشاعت جو سال: رَبِيعُ الغَوث 1433ھ

ڇاپيندڙ: مڪتبة المدينه باب المدينه (ڪراچي)


## مڪتبة المدينہ جون مختلف شاخون


مڪتبة المدينه: فيضان مدينہ آفندي ٽاؤن حيدرآباد

مڪتبة المدينه: فيضان مدينہ بيراج روڊ سکر

مڪتبة المدينه: فيضان مدينہ العطار ٽاؤن ميرپورخاص

مڪتبة المدينه: فيضان مدينہ مارڪيٽ روڊ دادو

مڪتبة المدينه: عطار آباد (جيڪب آباد)

مڪتبة المدينه: رابعہ شاپنگ سينٽر فاروق نگر لاڙڪاڻو

مڪتبة المدينه: چڪرا بازار نوابشاھ

مڪتبة المدينه: نزد خضر حيات ٺٽو

E.mail.maktaba@dawateislami.net

www.dawateislami.net

021-34921389-90



مدني التجا: ڪنھن ٻئي کي ھي ڪتاب ڇپڻ جي اجازت نہ آھي.

# يادداشت

مطالعي دوران ضرورتًا انڊر لائن ڪريو، اشارا لکي ڪري صفحو نمبر نوٽ فرمائي وٺو. ان شاء الله عَزَّوَجَلَّ علم ۾ ترقي ٿيندي.

| عنوان | صفحو | عنوان | صفحو |
| --- | --- | --- | --- |
| | | | |
| | | | |
| | | | |
| | | | |
| | | | |
| | | | |
| | | | |
| | | | |
| | | | |
| | | | |
| | | | |
| | | | |
| | | | |
| | | | |
| | | | |
| | | | |
| | | | |
| | | | |
| | | | |
| | | | |
| | | | |
| | | | |

اَلۡحَمۡدُ لِلّٰهِ رَبِّ الۡعٰلَمِيۡنَ وَ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰی سَيِّدِ الۡمُرۡسَلِيۡنَ
اَمَّا بَعۡدُ فَاَعُوۡذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيۡطٰنِ الرَّجِيۡمِ ؕ بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡمِ ؕ

## ”وياج ۽ اُن جو علاج“ جي 13 اکرن جي نسبت سان هن ڪتاب کي پڙهڻ جون 13 نيّتون

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّي اللهُ تَعَالي عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: نِيَّةُ الۡمُؤمِنِ خَيۡرٌ مِّنۡ عَمَلِهٖ. يعني مسلمان جي نيت ان جي عمل کان بهتر آهي. (المعجم الکبير للطبراني، الحديث: 5942، ج 6، ص185)

**ٻ مدني گُل:**

❖ بغير سٺي نيت جي ڪنهن بہ نيڪ عمل جو ثواب ناهي ملندو.

❖ جيتريون سٺيون نيتون وڌيڪ، او ترو ثواب بہ وڌيڪ.

(1) هر دفعي حمد و (2) صلوة ۽ (3) تعَوُّذ و (4) تَسمِيہ سان شروعات ڪندس. (انهيءَ صفحي تي مٿي ڏنل بہ عربي عبارتون پڙهڻ سان چئني نيتن تي عمل ٿي ويندو) (5) الله عَزَّوَجَلَّ جي رضا جي لاءِ هن رسالي جو شروع کان آخر تائين جو مطالعو ڪندس. (6) حتي الامڪان ان جو باوضوءِ (7) قبلي رخ تي مطالعو ڪندس (8) قرآني آيتن ۽ حديثن مبارڪن جي زيارت ڪندس (9) جتي جتي ”الله“ جو پاڪ نالو ايندو اُتي عَزَّوَجَلَّ ۽ جتي جتي ”سرڪارِ مدينہ“ جو اسم مبارڪ ايندو اُتي صَلَّي اللهُ تَعَالي عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم پڙهندس. (10) ٻين کي هي رسالو پڙهڻ جي ترغيب ڏياريندس. (11) هن حديث پاڪ ”تَهَادَوۡا تَحَابُّوۡا“ هڪٻئي کي تحفو ڏيو پاڻ ۾ محبت وڌندي. (موطا امام مالڪ، حديث 1731 ج 2، ص407) تي عمل جي نيّت سان (هڪ يا توفيق مطابق) هي رسالو خريد ڪري ٻين کي تحفي ۾ ڏيندس (12) هن رسالي جو مطالعو ڪري پاڻ بہ وياج کان بچندس ۽ ٻين کي بہ انهيءَ لعنت کان بچائڻ جي ڪوشش ڪندس (13) ڪتابت وغيره ۾ شرعي غلطي نظر آئي تہ ڇاپيندڙن کي تحريري طور تي اِطلاع ڪندس. (ڇاپيندڙن کي ڪتابن جون غلطيون صرف زباني ٻڌائي ڇڏڻ خاص فائديمند ناهي هوندو) ان شاء الله عَزَّوَجَلَّ

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ وَ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰى سَيِّدِ الْمُرْسَلِيْنَ
اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ ط بِسْمِ اللهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ط

# وياج ۾ اُن جو علاج [1]

## درود شريف جي فضيلت:

هڪ شخص خواب ۾ هڪ خوفناڪ شڪل ڏٺي. گهٻرائجي ڪري پڇيائين: ”تون ڪير آهين؟“ تہ هُن جواب ڏنو: مان تنهنجا خراب عمل آهيان. پڇيائين: توکان ڇوٽڪاري جي ڪهڙي صورت آهي؟ تہ هُن جواب ڏنو: درود پاڪ جي ڪثرت. [2]

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## رت جو درياء:

صاحبِ جُود و نوال، رسول بي مثال، بي بي آمنہ جي لال صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن ارشاد فرمايو: ”مون مِعراج جي رات ڏٺو تہ بہ شخص مون کي ارضِ مُقَدَّس (يعني بيت المقدس) وٺي ويا. پوءِ اسان اڳيان هلياسين، ايستائين جو رت جي هڪ درياء تي پهتاسين، جنهن ۾ هڪ شخص بيٺو هو ۽ درياء جي ڪناري تي ٻيو شخص بيٺو هو جنهن جي سامهون پٿر رکيل هئا. درياء ۾ موجود شخص جڏهن بہ ٻاهر نڪرڻ جو ارادو ڪندو هو تہ ڪناري تي بيٺل شخص هڪ

---

(1) هيءُ رسالو مبلغ دعوتِ اسلامي ۽ نگران مرڪزي مجلسِ شوريٰ حاجي محمد عمران عطاري سلمه الباري جي ٻن بيانن: ”وياج جي نحوست“ ۽ ”وياج ۽ ان کان بچڻ جا طريقا“ جو مجموعو آهي، جيڪو ضروري تبديلي ۽ اضافي سان گڏ پيش ڪجي ٿو.

(2) القول البديع، الباب الثاني في ثواب الصلاة... الخ، ص255

پٿر ان جي مُنهن تي هٽي ڪري اُن کي ان جي جڳهه موٽائي ڇڏيندو هو. ائين ئي ٿيندو رهيو تہ جڏهن بہ هو (درياءَ وارو) شخص ڪناري تي اچڻ جو ارادو ڪندو هو تہ ٻيو شخص ان جي مُنهن تي پٿر هٽي ڪري ان کي واپس موٽائي ڇڏيندو هو. مون پڇيو: هيءَ دريا ۾ ڪير آهي؟ جواب مليو: **“هي وياج کائڻ وارو آهي.”** [1]

## خطرناڪ بيماري:

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! اڄڪلهہ جي دور ۾ جتي اسان جو معاشرو ڪيترين ئي برائين ۾ گهيريل آهي، اُتي هڪ اهم ترين بُرائي اسان جي معاشري ۾ وڏي تيزيءَ سان وڌي رهي آهي. اها هيءَ آهي تہ هاڻي ڪنهن ضرورتمند کي بغير وياج (Interest) جي قرض (Loan) ملڻ مشڪل تي پيو آهي. تنهنڪري اچو تہ انهيءَ خطرناڪ بيماريءَ جي باري ۾ ڄاڻون ٿا، جيڪا هڪ ويا وانگر اسان جي معاشري ۾ ڦهلجندي پئي وڃي. جڏهن تہ قرض ڏيڻ جون بيشمار فضيلتون روايتن ۾ آهن. جيئن تہ

## ٽي خوش نصيب شخص:

سرڪارِ مدينہ، راحتِ قلب و سينہ صَلَّي اللهُ تَعَالٰي عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جو فرمان عالي شان آهي: ٽن قسمن جي مؤمن ٻانهن کي اجازت هوندي تہ هو جنّت جي جنهن دروازي مان چاهين، داخل ٿين ۽ جيڪا نعمت چاهين اختيار ڪن: (1) مقتول (يعني قتل ٿيل شخص) جا وارث جيڪي قاتل جو خون معاف ڪري

[1] صحيح البخاري، ڪتاب البيوع، باب اکل الربا وشاهده وڪاتبه، الحديث: 2085، ج2، ص14

ڇڏين. (2) جيڪي ضرورت مندن کي قرض ڏين. (3) ۽ جيڪي هر فرض نماز کان پوءِ ڏهه دفعا قُلْ هُوَ اللهُ اَحد شريف پڙهن [1]

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

مٺا مٺا ۽ پيارا اسلامي ڀائرو! انهيءَ حديث پاڪ ۾ ٽن خوش نصيب ٻانهن جو تذڪرو آهي، جن مان هڪ اهو به آهي، جيڪو ضرورتمندن کي قرض ڏئي ٿو ڇاڪاڻ ته جيڪو ڪنهن ضرورتمند کي قرض ڏئي ٿو قيامت جي ڏينهن ان کي اجر ۽ ثواب جو پيمانو پري پري ڪري ڏنو ويندو. پر افسوس! اسان وٽ قرض ته ڏنو وڃي ٿو پر وياج تي، ۽ آخرت جو ثواب نٿو ڏنو وڃي، جڏهن ته قرض ڏيڻ ڪيتري قدر ثواب جو باعث آهي، انهيءَ کي هن حديث پاڪ مان سمجهو:

## قرض ڏيڻ جو ثواب:

جيئن ته حضرت سيدنا عبدالله بن مسعود رَضِيَ اللهُ تَعَالٰي عَنْهُ کان روايت آهي ته صاحبِ جُود و نوال، رسولِ بي مثال صَلَّي اللهُ تَعَالٰي عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن ارشاد فرمايو: ”هر قرض صدقو آهي.“ [2]

اهڙي طرح حضرت سيدنا انس رَضِيَ اللهُ تَعَالٰي عَنْهُ کان روايت آهي ته حضور نبيءِ پاڪ، صاحبِ لولاڪ، سيّاحِ اَفلاڪ صَلَّي اللهُ تَعَالٰي عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن ارشاد فرمايو ته: مون مِعراج جي رات جنت جي دروازي تي لکيل ڏٺو ته صدقي جو ثواب ڏهه ڀيرا ۽ قرض ڏيڻ جو ثواب ارڙهن ڀيرا (وڌيڪ) آهي. اهڙي طرح مون جبرائيل کان هن باري ۾ پڇيو ته قرض جو صدقي کان افضل هئڻ جو ڪهڙو

(1) مسند ابي يعليٰ، مسند جابر بن عبدالله، الحديث 1788، ج 2، ص196، بتغير قليل.

سبب آهي؟ تہ انهن ٻڌايو تہ (صدقو تہ) اهو بہ گهري وٺي ٿو جيڪو محتاج نہ هجي، پر قرض گهرڻ وارو حاجت ۽ ضرورت کان سواءِ قرض نٿو گهري.[1]

## قرضدار تي نرمي ڪرڻ جي سبب بخشش ٿي وئي:

حضرت سيدنا ابوهريره رَضِيَ اللهُ تَعَالٰي عَنْهُ کان روايت آهي تہ رسولِ اڪرم، شهنشاهِ بني آدم صَلَّي اللهُ تَعَالٰي عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن ارشاد فرمايو: هڪ شخص ڪڏهن ڪو نيڪ ڪم ڪونہ ڪيو هو. پر ها! هو ماڻهن کي قرض ڏيندو هو ۽ پنهنجن نوڪرن کي چوندو هو تہ قرضدار خوشحال هجي تہ قرض وٺجو ۽ جيڪڏهن تنگدست هجي تہ ان کان نہ وٺجو (بلڪ درگذر ڪجو ۽ وڌيڪ مهلت ڏئي ڇڏجو) اي ڪاش! اسان جو رب عَزَّوَجَلَّ بہ اسان کان درگذر فرمائي. اهڙي طرح جڏهن اهو شخص هن دنيا مان وفات ڪري ويو تہ الله عَزَّوَجَلَّ هن کان پڇيا فرمائي: ڇا تو ڪڏهن ڪا نيڪي بہ ڪئي؟ هن عرض ڪيو: نہ، بلڪ! آئون ماڻهن کي قرض ڏيندو هئس ۽ جڏهن پنهنجي خادم کي قرض جي وصوليءَ لاءِ موڪليندو هئس تہ انهيءَ کي چوندو هئس تہ خوشحال کان تہ قرض وٺجانءِ، پر تنگدست کان نہ وٺجانءِ، بلڪ درگذر کان ڪم وٺجانءِ. تہ جيئن (انهيءَ جي سبب) **الله** عَزَّوَجَلَّ اسان سان بہ درگذر فرمائي. تہ **الله** عَزَّوَجَلَّ ارشاد فرمايو: (وڃ!) مون توکي بخشي ڇڏيو.[2]

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!** ڏٺو توهان قرض ڏيڻ، ضرورتمند ۽ تنگدست تي رحم ۽ شفقت ڪرڻ جي ڪهڙي نہ برڪت ظاهر ٿي. اسان جا بزرگ ڪثرت سان قرض ڏيڻ سان گڏوگڏ حاجتمند ۽ تنگدست تي رحم ۽ عفو ۽

---

[1] سنن ابن ماجه، كتاب الصدقات، باب القرض، الحديث: 2431، ج 3، ص154

[2] المسند للامام احمد بن حنبل، مسند ابي هريره، الحديث: 8738، ج 3، ص285

درگذر جو معاملو به ڪندا هئا، جيئن ته،

## سڄو قرض معاف ڪري ڇڏيو:

حضرت سيدنا شقيق بَلخي رَحۡمَةُ اللهِ تَعَالٰي عَلَيۡه فرمائن ٿا ته مان حضرت سيدنا امامِ اعظم ابوحنيفه رَحۡمَةُ اللهِ تَعَالٰي عَلَيۡه سان گڏ وڃي رهيو هئس ته هڪ شخص پاڻ رَحۡمَةُ اللهِ تَعَالٰي عَلَيۡه کي ڏسي ڪري لڪي ويو ۽ ٻيو رستو اختيار ڪيائين. جڏهن پاڻ کي خبر پئي ته انهيءَ کي سڏيائون. هو آيو ته پڇيائون ته تو رستو ڇو بدلائي ڇڏيو ۽ ڇو لڪي وئين؟ هن عرض ڪيو: "آئون توهان جو قرضدار آهيان، مون کي توهان کي ڏهه هزار دِرهم ڏيڻا آهن. جنهن کي ڪافي عرصو گذري چڪو آهي ۽ آئون تنگدست آهيان، اوهان کان شرمايان ٿو." امامِ اعظم عَلَيۡهِ رَحۡمَةُ اللهِ الۡاَكۡرَم جن فرمايو: "سبحٰن الله! منهنجي ڪري تنهنجي هيءَ حالت آهي. وڃ! مون توکي سڄو قرض معاف ڪري ڇڏيو ۽ مون پنهنجو پاڻ کي پنهنجي نفس تي گواهه ڪيو. هاڻي آئنده مون کان نه لڪجان، ۽ ٻڌا! جيڪو خوف تنهنجي دل ۾ منهنجي ڪري پيدا ٿيو مون کي اُهو به معاف ڪري ڇڏ." [1]

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!** قربان وڃو سيدنا امامِ اعظم ابوحنيفه رَحۡمَةُ اللهِ تَعَالٰي عَلَيۡه جن جي مبارڪ سيرت تان، تنگدست تي ڪيتري قدر شفقت فرمائي جو نه رڳو پنهنجو قرض معاف ڪري ڇڏيو بلڪ انهيءَ جي دل ۾ جيڪو ڊپ پيدا ٿيو انهيءَ تي به ڪمال درجي جي عاجزي ۽ انڪساري جو مظاهرو ڪندي معافي گهري رهيا آهن.

**مٺا مٺا ۽ پيارا اسلامي ڀائرو!** سيدنا امامِ اعظم امامِ ابوحنيفه رَحۡمَةُ اللهِ تَعَالٰي

---

(1) مناقب الامام الاعظم ابي حنيفه رحمة الله تعالٰي عليه، ج1، الجزء الاول، ص260

عَلَيْه جو تقويٰ ڪمال درجي جو هو. پاڻ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰي عَلَيْه ضرورتمندن کي نه صرف قرض ڏيندا هئا، بلڪ درگذر ڪان به ڪم وٺندا هئا ۽ قرض تي ڪنهن به قسم جو نفعو وٺڻ کان هميشه ڊڄندا رهندا هئا ته ڪٿي وياج ۾ ڦاسي نه وڃان. سيدنا امامِ اعظم ابوحنيفه رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰي عَلَيْه وياج ته وياج، وياج جي شُبهي (يعني شڪ) کان به پنهنجي تقويٰ جي ڪري بچندا هئا. جيئن ته

## وياج جي شڪ شبهي کان بچڻ:

سيدنا امامِ اعظم ابوحنيفه رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰي عَلَيْه هڪ جنازو پڙهڻ تشريف وٺي ويا. اُس (يعني گرمي) جي تمام گهڻي شدت هئي ۽ اتي ڪا ڇانوَ به نه هئي، پرسان ئي هڪ شخص جو گهر هو. جنهن جي ڀت جي ڇانو ڏسي ڪري ماڻهن سيدنا امامِ اعظم ابوحنيفه رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰي عَلَيْه جن کي عرض ڪيو ته: حضورا! هن گهر جي ڇانوَ ۾ ويهي رهو. منهنجي آقا امام اعظم عَلَيْه رَحْمَةُ اللهِ الْاَكْرَم جن ارشاد فرمايو: هن گهر جو مالڪ منهنجو قرضدار آهي ۽ جيڪڏهن مون هن جي ڀت مان ڪجهه نفعو حاصل ڪيو ته آئون ڊڄان ٿو ته الله عَزَّوَجَلَّ وٽ ڪٿي وياج وٺڻ وارن ۾ شمار نه ڪيو وڃان، ڇاڪاڻ ته مديني واري مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰي عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن جو فرمان آهي: "جنهن قرض مان ڪجهه نفعو ورتو وڃي، اهو وياج آهي." اهڙي طرح پاڻ اُس ۾ ئي بيٺا رهيا. [1]

## قرض تي نفعو وٺڻ وياج آهي:

فتاويٰ رضويه شريف ۾ اعليٰ حضرت امامِ اهلسنت، مجدِّدِ دين و ملت، پروانهٔ شمعِ رسالت، مولانا الشاهه احمد رضا خان عَلَيْهِ رَحْمَةُ الرَّحْمٰن قرض تي نفعو

---

[1] تذڪرة الاولياء، ص188

ونڻ جي باري ۾ فرمائن ٿا: قرض ڏيڻ واري کي قرض تي جيڪو نفعو ۽ فائدو حاصل ٿئي ٿو اُهو سڀ وياج ۽ بلڪل حرام آهي. حديث ۾ آهي، رسول الله صَلَّي اللّٰهُ تَعَالٰي عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ فرمائن ٿا: "كُلُّ قَرۡضٍ جَرَّ مَنۡفَعَةً فَهُوَ رِبًا" قرض مان جيڪو نفعو حاصل ڪيو وڃي، اهو وياج آهي. [1]

## قرآن ڪريم ۾ وياج جي حُرمت جو بيان

**پيارا اسلامي ڀائرو!** وياج قطعي حرام ۽ دوزخ ۾ وٺي وڃڻ وارو ڪم آهي. انهيءَ جي حرام هئڻ جو انڪار ڪندڙ ڪافر ۽ جيڪو حرام سمجهي ڪري انهيءَ بيماريءَ ۾ ڦاسي، اهو فاسِق ۽ مردودُ الشهادة آهي. (يعني ان جي شاهدي قبول نه ڪئي ويندي). **الله** عَزَّوَجَلَّ قرآن پاڪ ۾ انهيءَ جي شديد مذمت (يعني بُرائي) بيان فرمائي آهي. جيئن ته سورة البقره جي آيت نمبر 275 کان 278 ۾ آهي:

اَلَّذِيۡنَ يَاۡكُلُوۡنَ الرِّبٰوا لَا يَقُوۡمُوۡنَ اِلَّا كَمَا يَقُوۡمُ الَّذِىۡ يَتَخَبَّطُهُ الشَّيۡطٰنُ مِنَ الۡمَسِّ ؕ ذٰلِكَ بِاَنَّهُمۡ قَالُوۡۤا اِنَّمَا الۡبَيۡعُ مِثۡلُ الرِّبٰوا ۘ وَاَحَلَّ اللّٰهُ الۡبَيۡعَ وَحَرَّمَ الرِّبٰوا ؕ فَمَنۡ جَآءَهٗ مَوۡعِظَةٌ مِّنۡ رَّبِّهٖ فَانۡتَهٰى فَلَهٗ مَا سَلَفَ ؕ وَاَمۡرُهٗۤ اِلَى اللّٰهِ ؕ وَمَنۡ عَادَ فَاُولٰٓئِكَ

**ترجموڪنزالايمان:** جيڪي ماڻهو وياج کائيندا آهن قيامت جي ڏينهن انهي ماڻهو وانگر اُٿندا جنهن کي جن (آسيب) ڇُهي مخبوط بڻايو هجي، اهو ان لاءِ جو انهن چيو ته بيع به ته وياج وانگر ئي آهي، ۽ الله حلال ڪيو بيع کي ۽ حرام ڪيائين وياج کي، سو جنهن وٽ سندس رب جي طرفان نصيحت آئي ۽ اهو مڙي ويو ته ان کي حلال آهي

[1] فتاويٰ رضويه، ج17، ص713

اَصۡحٰبُ النَّارِۚ هُمۡ فِيۡهَا خٰلِدُوۡنَ ﴿۲۷۵﴾
يَمۡحَقُ اللّٰهُ الرِّبٰوا وَيُرۡبِى الصَّدَقٰتِؕ
وَاللّٰهُ لَا يُحِبُّ كُلَّ كَفَّارٍ اَثِيۡمٍ ﴿۲۷۶﴾ اِنَّ
الَّذِيۡنَ اٰمَنُوۡا وَعَمِلُوا الصّٰلِحٰتِ
وَاَقَامُوا الصَّلٰوةَ وَاٰتَوُا الزَّكٰوةَ لَهُمۡ
اَجۡرُهُمۡ عِنۡدَ رَبِّهِمۡۚ وَلَا خَوۡفٌ عَلَيۡهِمۡ
وَلَا هُمۡ يَحۡزَنُوۡنَ ﴿۲۷۷﴾ يٰۤاَيُّهَا الَّذِيۡنَ
اٰمَنُوا اتَّقُوا اللّٰهَ وَذَرُوۡا مَا بَقِىَ مِنَ
الرِّبٰٓوا اِنۡ كُنۡتُمۡ مُّؤۡمِنِيۡنَ ﴿۲۷۸﴾

(پ3،البقرة: 275 تا 278)

جيڪي اڳي وني چڪو، ۽ ان جو ڪم خدا جي حوالي آهي، ۽ جيڪو هاڻي اهڙي حرڪت ڪندو تہ اهو دوزخي آهي اهي ان ۾ گهڻو عرصو رهندا، الله وياج کي برباد ڪري ٿو ۽ وڌائي ٿو خيرات کي، ۽ الله کي پسند نہ آهي ڪو بہ بي شڪر ۽ سخت گهنگار، بيشڪ جن ايمان آندو ۽ چڱا ڪم ڪيائون ۽ نماز قائم ڪيائون ۽ زڪواة ڏنائون انهن جو اجر سندن رب وٽ آهي، ۽ نہ ٿي انهن کي ڪو خوف آهي نہ ڪو غم، اي ايمان وارو الله کان ڊڄو ۽ ڇڏي ڏيو جيڪو وياج باقي رهجي ويو آهي جيڪڏهن مسلمان آهيو.

## شانِ نزول:

صدر الافاضل، حضرت علامہ مولانا سيد محمد نعيم الدين مراد آبادي عَلَيۡهِ رَحۡمَةُ اللّٰهِ الۡهَادِيۡ "خزائنُ العِرفان" ۾ هن آيت سڳوري جي شانِ نزول جي باري ۾ ڪجهہ هن طرح فرمائن ٿا: "هيءَ آيت انهن اصحابن جي حق ۾ نازل ٿي، جيڪي وياج جي حُرمت نازل ٿيڻ کان پهرين وياج جو ڪاروبار ڪندا هئا ۽ انهن جي وياج جون گهڻيون رقمون ٻين جي ذمي باقي هيون. ان ۾ حڪم ڏنو ويو تہ وياج جي حُرمت نازل ٿيڻ کان پوءِ اڳ ۾ ڏنل جو مطالبو بہ ڇڏي ڏيڻ

واجب آهي ۽ پهريون مقرر ڪيل وياج به هاٽي وٺڻ جائز ناهي.“ (1)

انهيءَ ڪان پوءِ الله تبارڪ و تعاليٰ ارشاد فرمائي ٿو:

فَاِنۡ لَّمۡ تَفۡعَلُوۡا فَاۡذَنُوۡا بِحَرۡبٍ مِّنَ اللّٰهِ وَرَسُوۡلِهٖ ۚ وَ اِنۡ تُبۡتُمۡ فَلَكُمۡ رُءُوۡسُ اَمۡوَالِكُمۡ ۚ لَا تَظۡلِمُوۡنَ وَلَا تُظۡلَمُوۡنَ ﴿۲۷۹﴾ (پ3،البقرة: 279)

**ترجموڪنزالايمان:** پوءِ جيڪڏهن ائين نه ڪيو ته يقين ڪريو الله ۽ الله جي رسول سان لڙائي جو، ۽ جيڪڏهن توهان توبه ڪيو ته پنهنجو اصل مال وٺو نه توهان ڪنهن کي نقصان پهچايو ۽ نه توهان کي نقصان هجي.

## تفسير:

صدر الافاضل، حضرت علامه مولانا سيد محمد نعيم الدين مراد آبادي عَلَيۡهِ رَحۡمَةُ اللهِ الۡهَادِيۡ هن آيت سڳوري جي تحت فرمائن ٿا: ”هي وعيد ۽ تهدِيد (يعني عذاب ۽ خوف) ۾ مبالغو ۽ سختي آهي. (يعني) ڪنهن جي مجال آهي جو الله عَزَّوَجَلَّ ۽ ان جي رسول صَلَّي اللهُ تَعَالٰي عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ سان جهڳڙي جو خيال به ڪري تنهن تي انهن اصحابن پنهنجا وياج جا مطالبا ڇڏي ڏنا ۽ هي عرض ڪيو ته الله عَزَّوَجَلَّ ۽ ان جي رسول صَلَّي اللهُ تَعَالٰي عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ سان جهڳڙي جي اسان ۾ ڪهڙي سگهه؟ ۽ توبهه تائِب ٿيا.“ (2)

## حديثن مبارڪن ۾ وياج جو حرام هئڻ

ڪيترين ئي مبارڪ حديثن ۾ وياج جي تمام گهڻي مذمت (يعني برائي) فرمائي وئي آهي، جيئن ته:

---

(1) خزائن العرفان، پ3، البقرة: تحت الآية 278

(2) المرجع السابق، تحت الآية: 279

## هلاڪ ڪندڙ ست شيون:

شهنشاهِ مدينہ، سُرور قلب و سينہ صَلَّي اللّٰهُ تَعَالٰي عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن جو فرمان باقرينہ آهي: ”ست شين کان بچو جيڪي تباهہ ۽ برباد ڪندڙ آهن.“ صحابہ ڪرام رِضْوَانُ اللّٰهِ تَعَالٰي عَلَيْهِمْ اَجْمَعِيْن عرض ڪيو: ”يا رسول الله صَلَّي اللّٰهُ تَعَالٰي عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم! اُهي ست شيون ڪهڙيون آهن؟“ ارشاد فرمايائون: ”(1) شِرڪ ڪرڻ (2) جادو ڪرڻ (3) ان ڪي ناحق قتل ڪرڻ، جنهن جو قتل ڪرڻ الله عَزَّوَجَلَّ حرام ڪيو (4) وياج کائڻ (5) يتيم جو مال کائڻ (6) جنگ جي وقت مقابلي دوران پُٺ ڏئي ڀڄي وڃڻ ۽ (7) پاڪدامن، شادي شده مؤمن عورتن تي تهمت هڻڻ.“[1]

## وياج سان سڄي آبادي هلاڪ ٿي وڃي ٿي:

حضرت سيدنا عبدالله بن مسعود رَضِيَ اللّٰهُ تَعَالٰي عَنْهُ کان مروي آهي تہ جڏهن ڪنهن وسندي (يعني علائقي) ۾ زنا ۽ وياج ڦهلجي وڃي تہ الله عَزَّوَجَلَّ انهيءَ ڳوٺ (علائقي) وارن ڪي هلاڪ ڪرڻ جي اجازت ڏئي ڇڏي ٿو.[2]

## وياج سان پاڳل پڻ ڦهلجي ٿو:

نبين جي سلطان، سرورِ ذيشان صَلَّي اللّٰهُ تَعَالٰي عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جو فرمانِ عبرت نشان آهي: جنهن قوم ۾ وياج ڦهلجي ٿو انهيءَ قوم ۾ پاڳل پڻ ڦهلجي ٿو.[3]

## وياج خور جي پيٽ ۾ نانگ:

حضرت ابوهريره رَضِيَ اللّٰهُ تَعَالٰي عَنْهُ کان مروي آهي تہ منهنجا آقا، شفيع روزِ شمار، ٻنهي جهانن جا مالڪ ۽ مختيار باذنِ پروردگار صَلَّي اللّٰهُ تَعَالٰي عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ

---

[1] صحيح البخاري، ڪتاب الوصايا، باب قول الله تعاليٰ: ان الذين ياڪلون اموال اليتٰمي.. الآية، الحديث: 2766، ج 2، ص242

[2] ڪتاب الڪبائر للذهبي، الڪبيرة الثانية عشرة، ص 69

[3] ڪتاب الڪبائر للذهبي، الڪبيرة الثانية عشرة، ص 70

فرمائن ٿا: مِعراج جي رات مان  هڪ اهڙي قوم وٽان گذريس، جن جا پيٽ ڪمرن وانگر (وڏا وڏا) هئا، جن ۾ نانگ پيٽن جي ٻاهر کان ڏسجي رهيا هئا. مون جبرائيل کان پڇيو: "هي ڪهڙا ماڻهو آهن؟" انهن عرض ڪيو: "هي وياج خور آهن." [1]

آه صد ڪروڙ آه! اڄ اسان جي پيٽ ۾ جيڪڏهن معمولي ڪيڙو هليو وڃي ته طبيعت ۾ زلزلو اچي وڃي ٿو. قيامت جو هي سخت عذاب ڪيئن برداشت ڪنداسين؟ وياج کائڻ وارن جا پيٽ ايترا وڏا هوندا، جيئن ڪنهن گهر جا ڪمرا هجن. انهن ۾ نانگ ۽ ڀِتون وغيره هوندا. ڪيتري قدر درد ناڪ عذاب آهي. **الله** تبارڪ و تعاليٰ اسان سڀني کي وياج جي آفت کان محفوظ فرمائي.

## وياج جي ڪاروبار ۾ شرڪت باعثِ لعنت آهي:

حضرت سيدنا جابر رَضِيَ اللهُ تَعَالٰي عَنْهُ کان روايت آهي ته الله عَزَّوَجَلَّ جي محبوب، داناءِ غُيوب، مُنَزَّه عَنِ العُيُوب صَلَّي اللهُ تَعَالٰي عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن وياج کائڻ واري، کارائڻ واري، انهيءَ جي تحرير لکڻ واري ۽ انهيءَ جي گواهن تي لعنت ڪئي ۽ فرمايائون ته اهي سڀ (گناهه ۾) برابر آهن. [2]

اي وياج جا کاتا لکڻ ۽ وياج تي شاهد بڻجڻ وارؤ! ڏسو ڪيتري قدر وعيد بيان ٿي آهي.

## وياج کائڻ جڻ پنهنجي ماءُ سان زنا ڪرڻ:

مڪي مدني آقا صَلَّي اللهُ تَعَالٰي عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن جو فرمان عبرت نشان آهي:

---

[1] سنن ابن ماجه، كتاب التجارات، باب التغليظ في الربا، الحديث: 2273، ج3، ص72
[2] صحيح مسلم، كتاب المساقات، باب لعن أكل الربا وموكله، الحديث: 1598، ص862

”بيشڪ وياج جا 72 دروازا آهن. انهن مان ننڍي ۾ ننڍو ائين آهي، جيئن ڪو مرد پنهنجي ماءُ سان زنا ڪري.“[1]

هڪ روايت ۾ سرڪار والاتبار اسان بيڪسن جي مددگار صَلَّي اللهُ تَعَالٰي عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جو فرمان عبرت نشان آهي: ”وياج جا 70 دروازا آهن. انهن مان ننڍي ۾ ننڍو هي آهي تہ جڻ مرد پنهنجي ماءُ سان زنا ڪري.“[2]

منهنجا آقا اعليٰ حضرت، امامِ اهلسنت، مجدّدِ دين و ملت عَلَيْهِ رَحْمَةُ رَبِّ الْعِزَّتْ فتاويٰ رضويہ ج 17، ص 307 تي انهيءَ حديث پاڪ کي نقل ڪرڻ کان پوءِ لکن ٿا: ”جيڪو شخص وياج جو هڪ پئسو وٺڻ چاهي، جيڪڏهن رسول الله صَلَّي اللهُ تَعَالٰي عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جو ارشاد مڃي ٿو تہ ٿورو گريبان ۾ جهاتي پائي پهرين سوچي وٺي تہ انهيءَ پئسي جو نہ ملڻ قبول آهي يا پنهنجي ماءُ سان ستر ستر ڀيرا زنا ڪرڻ؟ وياج وٺڻ قطعي حرام ۽ ڪبيره ۽ عظيمہ آهي، جنهن جو وٺڻ ڪنهن بہ طرح جائز ناهي.“[3]

## آخرت جي سوچ نہ رکڻ وارا ماڻهو:

مٺا مٺا ۽ پيارا اسلامي ڀائرو! هن پُر فِتن دور ۾ ڪجهہ ماڻهون وياج (Interest) جي باري ۾ تمام گهڻو ڳالهائين ٿا ۽ طرح طرح سان وياج جي معاملن ۾ راهون ڪڍڻ جي ڪوشش ڪن ٿا. ڪڏهن چون ٿا تہ وياج جي ايتري سخت روايتن ۽ وعيدن جي ڪهڙي حڪمت آهي؟ ڪڏهن چون ٿا تہ جيڪڏهن وياج جو ڪاروبار بند ڪري ڇڏينداسين تہ بين الاقوامي منڊي

---

[1] المعجم الاوسط، الحديث: 7151، ج5، ص227
[2] شعب الايمان، الحديث: 5520، ج4، ص394
[3] فتاويٰ رضويه، ج17، ص307

(International market) ۾ مقابلو ڪيئن ڪري سگهنداسين؟ ڪڏهن چون ٿا تہ بين قومن کان پوئتي رهجي وينداسين ۽ ڪڏهن انتهائي گهٽ وياج جي اگهہ (Interest rate) جي آڙ ۾ وٺي ڪري ماڻهن کي ورغلائن ٿا. قسمين قسمين جون بدترين راهون کولڻ جي ڪوشش ڪن ٿا.

اعليٰ حضرت، **امامِ اهل سنّت**، **مُجدّدِ دين و ملت**، **پروانہ شمعِ رسالت**، **مولانا الشاهہ امام احمد رضا خان** عَلَيْهِ رَحْمَةُ الرَّحْمٰن **فتاويٰ رضويہ شريف** ۾ انهيءَ ٿي قسم جي هڪ سوال جو جواب ڏيندي ارشاد فرمائن ٿا: ڪافرن اعتراض ڪيو هو: اِنَّمَا الْبَيْعُ مِثْلُ الرِّبٰوا‌ۘ بيشڪ بَيع (يعني خريد و فروخت) بہ تہ وياج وانگر آهي. توهان جيڪي خريد و فروخت کي حلال ۽ وياج کي حرام ڪريو ٿا، انهيءَ ۾ ڪهڙو فرق آهي؟ خريد و فروخت ۾ بہ تہ نفعو وٺڻو هوندو آهي.

هي اعتراض نقل ڪرڻ کان پوءِ اعليٰ حضرت عَلَيْهِ رَحْمَةُ رَبِّ الْعِزَّت **جن الله** عَزَّوَجَلَّ جو هي فرمان نقل ڪيو: وَاَحَلَّ اللّٰهُ الْبَيْعَ وَحَرَّمَ الرِّبٰوا‌ۘ يعني **الله** حلال ڪيو بيع (يعني خريد و فروخت) کي ۽ حرام ڪيائين وياج کي، ۽ پوءِ ارشاد فرمايائون: "توهان ٿيندا ڪير آهيو؟ پاڻها آهيو حڪم جي پيروي ڪيو. حڪم سيني کي ڏنا ويندا آهن، حڪمتون ٻڌائڻ جي لاءِ سڀ ناهن هوندا. اڄ سڄي دنيا جي ملڪن ۾ ڪنهن جي مجال آهي تہ ملڪي قانون جي ڪنهن قانوني شِق تي نڪتہ چيني ڪري جو اها فضول آهي، اهو ڇو آهي؟ ائين نہ هئڻ گهرجي، ائين هئڻ گهرجي. جڏهن ڪوڙين فاني دنياوي سلطنتن جي سامهون بحث ۽ تڪرار جي مجال نٿي ٿئي تہ اُن **مَلِكُ الْمُلُوك**، حقيقي بادشاهہ ازلي ابدي جي حضور ۾ چوءِ چا جي لاءِ، وغيره وغيره چوڻ ڪيڏي

نہ سخت ناداني آهي.“[1]

۽ جيڪو انهن حڪمن کي قيد ۽ پابندي سان تعبير ڪري ٿو تہ هي کھڙيون پابنديون اسان تي لازم ڪيون ويون؟ انهيءَ کي اعليٰ حضرت، مُجَدِّدِ دين و ملت عَلَيۡهِ رَحۡمَةُ رَبِّ الۡعِزَّت سمجهائي رهيا آهن: ”جيڪو اج آزادي چاهي ٿو سياڻي انتهائي سخت ۽ شديد قيد ۾ گرفتار ٿيندو ۽ جيڪو اج حڪمن جو قيدي رهندو سياڻي وڏي سڪون جي آزادي ماڻيندو.“

ان کان پوءِ ارشاد فرمائن ٿا تہ: دنيا مسلمان جي لاءِ قيد خانو ۽ ڪافر جي لاءِ جنت آهي. مسلمانن کي ڪنهن چيو تہ ڪافرن جي مال جي ڪشادگي ۽ آزادي حاصل ڪرڻ جي طريقي ۽ ڪثرت جي طرف اکيون ڦاڙي ڪري ڏسي. اي مسڪين! توکي تہ سياڻي جو ڏينهن سنوارڻو آهي.

يَوۡمَ لَا يَنۡفَعُ مَالٌ وَّ لَا بَنُوۡنَ ﴿۸۸﴾ اِلَّا مَنۡ اَتَى اللّٰهَ بِقَلۡبٍ سَلِيۡمٍ ﴿۸۹﴾

(پ19، الشعراء:88، 89)

**ترجموڪنزالايمان:** جنهن ڏينهن نہ مال ڪم ايندو ۽ نہ پُٽَ، مگر جيڪو الله جي حضور حاضر ٿيو سلامت رهيل دل کڻي.

اي مسڪين! تنهنجي رب عَزَّوَجَلَّ تہ پھرين ئي توکي فرمائي ڇڏيو آهي:

وَ لَا تَمُدَّنَّ عَيۡنَيۡكَ اِلٰى مَا مَتَّعۡنَا بِهٖۤ اَزۡوَاجًا مِّنۡهُمۡ زَهۡرَةَ الۡحَيٰوةِ الدُّنۡيَا ۙ۬ لِنَفۡتِنَهُمۡ فِيۡهِ ؕ وَ رِزۡقُ رَبِّكَ خَيۡرٌ وَّ اَبۡقٰى ﴿۱۳۱﴾

(پ16، طٰه:131)

**ترجموڪنزالايمان:** ۽ پنهنجيون اکيون نہ وڌاء ڪافر جوڙن جي طرف جن کي اسان گذر سفر جي واسطي ڏني آهي دنيا جي زندگي جي تازگي جو اسان انهن کي ان جي سبب فتني ۾ وجهون، ۽ پنهنجي رب جو رزق سڀ کان سٺو ۽ سڀ کان ديرپا بہ آهي.[2]

---

[1] فتاويٰ رضويه، ج17، ص359

[2] فتاويٰ رضويه، ج17، ص360

## بزرگن جو انداز زندگي:

مٺا مٺا ۽ پيارا اسلامي ڀائرو! اسان جي بزرگن جي اندازِ زندگي جون ڪجھ جھلڪيون ملاحظہ ڪريو تہ ڪھڙي طرح دنياوي عيش ۽ آرائش کان پري رھي ڪري آخرت کي بھتر بڻائڻ واري زندگي گذاريندا ھئا. جيئن تہ،

## با رونق گھر ڏسي روئي پيا:

حضرت سيدنا ابن مُطِيع عَلَيْهِ رَحْمَةُ السَّمِيْعِ جن ھڪ ڏينھن پنھنجي بارونق (پُرآرائش) گھر کي ڏٺو تہ خوش ٿي ويا، پر پوءِ ھڪدم روئڻ شروع ڪري ڏنو ۽ فرمايو: ”اي خوبصورت گھر! اللّٰه عَزَّوَجَلَّ جو قسم! جيڪڏھن موت نہ ھجي ھا تہ آئون تو مان خوش ٿيان ھا ۽ جيڪڏھن آخرڪار سوڙھي قبر ۾ وڃڻو نہ ھجي ھا تہ دنيا ۽ ان جي رنگينين سان منھنجيون اکيون ٺڏيون ٿين ھا.“ اھو فرمائڻ کان پوءِ ايتري قدر رُنا جو سُڏڪا پرڻ لڳا.[1]

## دنيا، آخرت جي تياريءَ لاءِ ئي آھي:

حضرت سيدنا عثمان غني رَضِيَ اللّٰهُ تَعَالٰى عَنْهُ جن جيڪو سيني کان آخري خطبو ارشاد فرمايو تنھن ۾ اھو بہ آھي: ”اللّٰه عَزَّوَجَلَّ توھان کي دنيا فقط انھيءَ لاءِ عطا فرمائي آھي تہ توھان انھيءَ جي ذريعي آخرت جي تياري ڪريو ۽ انھيءَ لاءِ عطا نہ فرمائي آھي تہ توھان ان جا ٿي ڪري رھجي وڃو. بيشڪ دنيا صرف فاني ۽ آخرت باقي آھي. توھان کي فاني (دنيا) ڪٿي ورغلائي (راھ کان ڀٽڪائي) ڪري باقي (آخرت) کان غافل نہ ڪري ڇڏي. ختم ٿي وڃڻ واري دنيا کي باقي رھڻ واري آخرت تي ترجيح نہ ڏيو ڇاڪاڻ تہ دنيا

---

[1] اتحاف السادة المتقين، كتاب ذكر الموت وما بعده، الباب الاول ، ج14، ص32

مُنقَطَع (يعني ختم) ٿيڻ واري آهي ۽ بيشڪ **اللّٰه** عَزَّوَجَلَّ ڏانهن موٽڻو آهي. **اللّٰه** عَزَّوَجَلَّ کان ڊڄو ڇاڪاڻ ته ان جو ڊپ انهيءَ جي عذاب جي لاءِ (روڪ ۽) ڍال آهي ۽ انهيءَ تائين پهچڻ جو ذريعو آهي." [1]

## آهه! وياج ئي وياج:

**مٺا مٺا ۽ پيارا اسلامي ڀائرو!** مسلمانن کي اهو سونهي نٿو (يعني زيب نٿو ڏي) ته **اللّٰه** عَزَّوَجَلَّ جي معاملي ۾ بحث ۽ تڪرار ڪن ۽ ڪافرن جي مال جي زيادتي ڏسي ڪري پنهنجو پاڻ کي حرام روزي ۾ مبتلا ڪن. پر هاءِ افسوس! صد ڪروڙ افسوس! اڄ مسلمان بيباڪيءَ سان گناهن ڏانهن وڌندو پيو وڃي ۽ دنيا جي زيب ۽ زينت ۾ ايتري قدر مشغول ٿيندو پيو وڃي جو انهيءَ کي ان ڳالهه جي به پرواهه ناهي رهي ته جيڪو قرض (Loan) وٺي رهيو آهيان, اهو وياج (Interest) تي ملي رهيو آهي يا بغير وياج جي.

❁ ڪنهن جو گهر ٽُٽل آهي, ڪيسي ۾ پئسا ناهن, پريشان آهي ته ڇا ڪريان؟ ته ڪو مشورو ڏئي ٿو: "ادا! پريشان ڇو ٿو ٿئين؟ ڪيترا ئي وياج جا ادارا ٺهيل آهن, تون ڳالهه ته ڪر. ڳالهائڻ جي به ضرورت ڪونهي, فون ته ڪر. توکي گهر ناهڻو آهي, قرض (Loan) وٺي ڇڏ, اُهي توکي قرض (Loan) ڏئي ڇڏيندا. بعد ۾ وياج ڏئي ڇڏجانءِ."

❁ تنهنجا ٻار انهيءَ گهر ۾ خوش نه آهن؟ ڇو پريشان ٿي رهيو آهين؟ پنهنجي ٻارن کي نه رُئاڙ! انهن کي خوش ڪر, اهو گهر وڪڻي ڪري بنگلو وٺ, ڪو مسئلو ناهي, قرض ڏيڻ وارا ادارا گهڻا ئي آهن. بس

---

[1] شعب الايمان، کتاب الزهد وقصر الامل، الحديث: 10612، ج7، ص369

قرض وٺي ڇڏ، وياج ڏئي ڇڏجانءِ.

۞ فيڪٽري ناھڻي آھي؟ پيداوار (Production) وڌائڻي آھي؟ وڏيڪ ڪارخانا لڳائڻا آھن؟ ڪاروبار کي وُسعت ۽ ترقي ڏيڻي آھي؟ انويسٽمنٽ (Investment) ناھي؟ سرمايو (Capital) ٿورو ٿي پيو آھي؟ ڇو پريشان ٿي رھيو آھين؟ وياج جا ادارا جام، قرض ڏيڻ وارا ادارا جام، قرض وٺي ڇڏج، وياج ڏئي ڇڏجانءِ.

۞ ”ڌيءَ جي شادي ڪرڻي آھي؟ ڇو پريشان آھين؟“ پريشان انھيءَ لاءِ پيو ٿيان تہ سادگيءَ سان شادي تہ ڪري وٺندس، پر ھي رسمون (Traditions) ھي ڍُهل، ھيءَ مھندي، ھي ناچ گانو ھي باجا، ھي مختلف ڊشن جو کاڌو ۽ پوءِ گھڻن ماڻھن کي جمع ڪري پنھنجي شھرت چاھڻ جي لالچ، انھيءَ جي لاءِ تہ تمام وڏي رقم گھرجي. تہ ڪو مشورو ڏي ٿو: ”ڇو ٿو پريشان ٿين؟ تون بہ پنھنجي ڌيءَ جي شادي ڪري وٺندين، پريشان نہ ٿي. قرض ڏيڻ وارا ادارا جام آھن. قرض وٺي ڇڏ، وياج ڏئي ڇڏجانءِ.“

۞ گاڏي کپي؟ پئسا ناھن؟ ڪھڙي پرواھہ آھي، ڇو پريشان ٿي رھيو آھين؟ قرض وٺي ڇڏ، وياج ڏئي ڇڏجانءِ.

۞ موٽر سائيڪل گھرجي؟ قرض وٺي ڇڏ، وياج ڏئي ڇڏجانءِ. ٽريڪٽر گھرجي؟ فصلن جي لاءِ مال گھرجي؟

انھن سمورين شين جي لاءِ پئسو کپي؟ ڪو مسئلو ڪونھي. ادارا جام آھن، قرض ڏيڻ وارا تمام گھڻا آھن. اڇو! اڇو! آئون توھان کي قرض ڏياريان ٿو. اسان پڇنداسين: ڇا ائين ئي قرض ملي وڃي ٿو؟ نہ! ائين ئي قرض نہ

ملندو، وياج ڏئي ڇڏجانءِ. بس ٿورو وياج ٿي تہ ڏيٺو آهي، ڪمائي ڪري وياج ڏيندو رهجان.

- بلڊنگ ناهٺي آهي؟ قرض وٺي ڇڏ، وياج ڏئي ڇڏجانءِ
- امپورٽ (Import) ايڪسپورٽ (Export) وڌاڻو آهي؟ ڪا ڳالهہ ناهي. قرض (Loan) وٺي ڇڏ، وياج ڏئي ڇڏجانءِ
- پلاٽ وٺڻو آهي؟ قيمتون وڌي رهيون آهن. خوب رقم لڳائڻ (Financing) جو (سٺو) موقعو مليو آهي. ڪو مسئلو ناهي، ٻڌجانءِ تہ ادارا جام آهن. وياج تي قرض وٺي ڇڏ. زمين (Land) وٺي ڇڏ. ڪارنر (Corner) جو پلاٽ وٺي ڇڏ. جلدي جلدي قرض وٺي ڇڏ. ها ها، ڪو مسئلو ناهي، بس وياج ڏئي ڇڏجانءِ.

اڄ مختلف نشر و اشاعت (Media) جي ذريعي مسلمانن کي مختلف لالچ ڏئي ڪري وياج جو اگهہ (Interest rate) گهٽ ڪري وياج تي قرض (Loan) وٺڻ تي اُڀاريو پيو وڃي. وياج جي درخواست (Application) داخل ڪرڻ تي قُرعہ اندازي ۾ انعامن جا لالچ ڏنا پيا وڃن.

منهنجا مٺا مٺا ۽ پيارا اسلامي ڀائرو! اسان کي ڇا ٿي ويو آهي؟ دنيا جي مال ۾ ٻارن ٻچن جي اجائي محبت ايترو انڌو ڪري ڇڏيو آهي جو وياج جي ڪاروبار ۾ وياج جي ڏي وٺ ۾ پئجي وياسين. جيڪڏهن **اللّٰه** عَزَّوَجَلَّ ناراض ٿي ويو ۽ ان جا پيارا حبيب، حبيبِ لَبِيب صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن رُسي ويا ۽ وياج جي ڪري عذاب اچي ورتو تہ ڇا ڪنداسين؟

## وياج خورلاءِ اعلانِ جنگ:

وياج خور کي **اللّٰه** عَزَّوَجَلَّ ۽ رسولِ اڪرم، شهنشاهِ بني آدم صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى

عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي طرف کان جنگ جو اعلان آهي. جيئن ته ارشاد باري تعاليٰ آهي:

فَاِنْ لَّمْ تَفْعَلُوْا فَاْذَنُوْا بِحَرْبٍ مِّنَ اللّٰهِ وَرَسُوْلِهٖ ۚ وَ اِنْ تُبْتُمْ فَلَكُمْ رُءُوْسُ اَمْوَالِكُمْ ۚ لَا تَظْلِمُوْنَ وَلَا تُظْلَمُوْنَ ﴿۲۷۹﴾

(پ3،البقرة: 279)

**ترجموڪنزالايمان:** پوءِ جيڪڏهن ائين نه ڪيو ته يقين ڪريو الله ۽ الله جي رسول سان لڙائي جو، ۽ جيڪڏهن توهان توبه ڪيو ته پنهنجو اصل مال وٺو نه توهان ڪنهن کي نقصان پهچايو ۽ نه توهان کي نقصان هجي.

علماءِ ڪرام رَحِمَهُمُ اللّٰهُ السَّلَام فرمائن ٿا ته ٻن مجرمن کان سواءِ ڪنهن جي لاءِ به الله عَزَّوَجَلَّ جي طرفان جنگ جو اعلان نه ڪيو ويو: هڪ وياج وٺڻ وارو ۽ ٻيو اولياءَ الله سان عداوت (يعني دشمني) رکڻ وارو. جيئن ته.

حضور نبيءِ پاڪ، صاحبِ لولاڪ، سيّاحِ اَفلاڪ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جو فرمانِ عالي شان آهي ته **الله** عَزَّوَجَلَّ فرمائي ٿو: "جنهن منهنجي ڪنهن وليءَ سان دشمني رکي، مون انهيءَ سان اعلانِ جنگ ڪيو. منهنجي ڪنهن ٻانهي منهنجن فرضن جي پيروي کان وڌيڪ محبوب شيءِ سان منهنجو قُرب حاصل نه ڪيو ۽ منهنجو ٻانهو نفلن جي ذريعي منهنجو قرب حاصل ڪندو رهي ٿو ايستائين جو مان انهيءَ سان محبت ڪرڻ لڳان ٿو. جڏهن مان انهيءَ سان محبت ڪرڻ لڳان ٿو ته مان ان جا ڪن ٻڌجي وڃان ٿو جن سان هو ٻڌي ٿو ان جون اکيون ٻڌجي وڃان ٿو جن سان هو ڏسي ٿو ان جا هٿ ٻڌجي وڃان ٿو جن سان هو جهلي ٿو ۽ ان جا پير ٻڌجي وڃان ٿو جن سان هو هلي ٿو. جيڪڏهن هو مون کان سوال ڪري ته مان ان کي ضرور عطا فرمايان ٿو ۽ جيڪڏهن ڪنهن شيءِ کان منهنجي پناهه چاهي ته آئون ان کي ضرور

پناهه عطا فرمايان ٿو.“[1]

يعني جيڪو وياج وٺي ٿو انهيءَ سان بہ اعلانِ جنگ آهي ۽ جيڪو اللّٰه عَزَّوَجَلَّ جي ولي سان دشمني ۽ بُغض رکي ٿو انهيءَ جي لاءِ بہ جنگ جو اعلان آهي.

**اي وياج کورو!** توهان اللّٰه عَزَّوَجَلَّ ۽ ان جي پياري رسول صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ سان اُخروي (يعني آخرت ۾) يا دنياوي جنگ جو يقين ڪري وٺو توهان کي دنيا ۽ آخرت ۾ عذاب کي منهن ڏيڻو پوندو. غور ڪري وٺو سوچي وٺو ڇا توهان اللّٰه عَزَّوَجَلَّ ۽ ان جي حبيب صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ سان وڙهي سگهو ٿا؟ ڇا توهان اللّٰه تعاليٰ جي عذاب کي برداشت ڪري سگهو ٿا؟ هرگز نہ، هرگز نہ. اللّٰه عَزَّوَجَلَّ جو قسم! ڪو شخص هڪ گهڙي جي لاءِ بہ اللّٰه عَزَّوَجَلَّ جو عذاب برداشت نٿو ڪري سگهي.

**اي وياج کورو!** توهان مڪ، مڇر جو مقابلو تہ نٿا ڪري سگهو. هڪ معمولي بيماري (Disease) برداشت نٿا ڪري سگهو تہ گناهہ ڪهڙي همت تي ڪريو ٿا؟ توبهہ ڪري وٺو عاجزي اختيار ڪري وٺو ۽ وياج وارن سيني ڪمن کي ڇڏي ڏيو.

## وياج جي نحوست ۽ انهيءَ جون تباهہ ڪاريون

(The Curse of Interest)

**مٺا مٺا ۽ پيارا اسلامي ڀائرو!** اچو وياج جي نحوست ۽ ان جون دنيا ۽ آخرت جون تباهہ ڪاريون ڄاڻي وٺون، ڇاڪاڻ تہ هاڻي وياج جا ادارا گهر گهر، دفتر دفتر دوڪان دوڪان وڃي ڪري وياج تي رقم ڏيڻ جي لاءِ عملو

---

[1] صحيح البخاري، ڪتاب الرقاق، باب التواضع، الحديث: 6502، ج4، ص248

(Staff) رکي رهيا آهن. ڪٿي منا منا ۽ پيارا اسلامي ڀائرو! توهان ٽڙي نه وڃو ڪو اچي ڪري توهان کي دولت ڪمائڻ جا فارمولا ٻڌائي وياج تي قرض وٺڻ ۾ ڦاسائي نه وٺي جو وياج سان دنيا به برباد ٿئي ٿي ۽ آخرت به.

## وياج خور حاسِد بڻجي وڃي ٿو:

وياج خور حاسِد (يعني حسد ڪندڙ) بڻجي وڃي ٿو. ان جي خواهش هوندي آهي ته ان کان قرض وٺڻ وارو نه ته ڪڏهن وڌي ويجهي (يعني مالدار ٿئي) ۽ نه ئي ترقي ڪري، جو ان جي مالدار ٿيڻ سان هن جي ڪمائي تباهه ٿئي ٿي، ڇاڪاڻ ته جنهن هن کان وياج تي قرض ورتو جيڪڏهن هُو ترقي ڪري ويندو ۽ قرض لاهي ڇڏيندو ته هن جي ڪمائي ختم ٿي ويندي. اهو ئي حسد ڪيس ڪٿي جو نٿو ڇڏي.

ماهِ نُبوَّت، مَنبعِ جُود و سخاوت صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جو فرمانِ عاليشان آهي: ”حسد (Envy, Jealousy) کان بچندا رهو، ڇو ته حسد نيڪين کي اهڙي طرح کائي وڃي ٿو جهڙي طرح باهه ڪاٺين کي کائي وڃي ٿي.“[1]

## وياج خور بي رحم ٿي وڃي ٿو:

وياج خور جي دل مان رحم نڪري وڃي ٿو انهيءَ کي ڪنهن تي ترس نٿو اچي. مجبور کان مجبور شخص ان جي اڳيان تڙپي مچلي ٿو ۽ جيڪڏهن هُو توبي لاهي ڪري انهيءَ جي پيرن تي رکي ڇڏي، تڏهن به انهيءَ کي رحم نٿو اچي، ڇاڪاڻ ته وياج ان جي دل کي ڪارو ڪري ڇڏيو آهي ۽ هُو هرهڪ جي مالي مدد به وياج جي ڪري ئي ڪري ٿو ۽ اهڙي طرح قرض ڏيڻ

---

[1] سنن ابي داؤد، ڪتاب الادب، باب في الحسد، الحديث: 4903، ج 4، ص361

جي عظيم اَجر ۽ ثواب کان بہ محروم ٿي وڃي ٿو جيئن تہ بيان ٿيو تہ قرض ڏيڻ واري سان **اللّٰه** عَزَّوَجَلَّ ڪيتري قدر راضي ٿئي ٿو قرض ڏيڻ سان انهيءَ جا حبيب صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ ڪيڏا نہ راضي ٿين ٿا. قرض ڏيڻ سان ڪيتري قدر مسلمانن جي خيرخواهي ٿئي ٿي، قرض ڏيڻ سان مسلمان ڪيتري قدر خوش ٿي وڃي ٿو پر جيئن تہ وياج جي لعنت انهيءَ جي مٿان پئجي وئي، هاڻي هي ڪنهن کي بہ **اللّٰه** عَزَّوَجَلَّ جي رضا ۽ آخرت جي ثواب جي خاطر قرض ڏيڻ جي لاءِ تيار ئي ناهي، بلڪ جنهن کي بہ قرض ڏئي ٿو وياج تي ئي ڏئي ٿو.

حضور نبيءِ پاڪ، صاحبِ لولاڪ، سياحِ افلاڪ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جو فرمانِ عالي شان آهي: ”جيڪو ماڻهن تي رحم نٿو ڪري، **اللّٰه** عَزَّوَجَلَّ ان تي رحم نٿو فرمائي.“[1]

## وياج خور مال جو لالچي ٿئي ٿو:

وياج خور گهر جا گهر تباهہ ۽ برباد ڪري ٿو سيني کي اُجاڙي (ويران ڪري) پنهنجو گهر ٺاهي ٿو ۽ مال جي محبت ۾ چرين وانگر گهمندو رهندو آهي. صدقو ۽ خيرات ڪرڻ بہ پسند نٿو ڪري جو ڪٿي مال گهٽ نہ ٿي وڃي، چاڪاڻ تہ اهو ئي رقم جو اُهو ڍِگ آهي، جنهن سان ان کي آمدني (يعني ڪمائي) حاصل ڪرڻي آهي. هي بدنصيب دولت جو ڍِگ جمع ڪرڻ ۾ ايتري قدر لالچ جو شڪار ٿي وڃي ٿو جو پنهنجن گهر وارن تي بہ رقم خرچ نٿو ڪري ۽ گهروارن کي بہ صحيح طريقي ۾ ڪارائي پياري نٿو. بس مال ۽ دولت

---

[1] صحيح مسلم، ڪتاب الفضائل، باب رحمته صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ .الخ، الحديث: 2319، ص1268

جون ڳنڍيون جمع ڪندو ٿو وڃي ۽ آخرڪار دولت جي اها ئي هَوَس ۽ لالچ ان کي دوزخ جي باهه جو ٻارڻ بڻائي ڇڏي ٿي.

## باهه کان ٻچو:

**شَفِيعُ المُذنبين، اَنِيسُ الغَرِيبِين** صَلَّي اللهُ تَعَالي عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ **جو فرمان** عبرت نشان آهي: ”توهان مان هرهڪ سان **الله** عَزَّوَجَلَّ هيئن ڪلام فرمائيندو جو ان جي ۽ **الله** عَزَّوَجَلَّ جي وچ ۾ ڪو ترجمان نه هوندو. جڏهن اُهو پانهو پنهنجي ساڄي طرف نظر وجهندو ته ان کي اهو ئي ڪجهه نظر ايندو، جيڪو هن آخرت جي لاءِ موڪليو هو ۽ جڏهن هو پنهنجي کاٻي طرف نظر وجهندو ته ان کي اهو ئي ڪجهه نظر ايندو جيڪو هن اڳيان موڪليو هو. پوءِ جڏهن هو سامهون ڏسندو ته ان کي باهه کان سواءِ ڪجهه نظر نه ايندو. تنهن ڪري باهه کان ٻچو جيتوڻيڪ هڪ کجور جي ذريعي ئي هجي.“ [1]

آهه! هيءَ مال جو حِرص گهروارن تي صحيح طرح خرچ ڪرڻ ڏئي ٿو نه ئي خدا جي راهه ۾ ڪجهه خرچ ڪرڻ ڏئي ٿو. ياد رکو ته مال ۽ شهرت، عزت جو حِرص دين ۽ ايمان جي لاءِ تمام گهڻو خطرناڪ آهي. جيئن ته،

**حضرت ڪعب بن مالڪ انصاري** رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهُ **فرمائن ٿا ته: تاجدارِ رسالت، شهنشاهِ نُبُوَّت، مَخزنِ جود و سخاوت** صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَیْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ **جن ارشاد فرمايو**: ”ٻه بکيا بگهڙ جن کي ٻڪرين ۾ ڇڏيو وڃي، ايترو نقصان نٿا پهچائين جيترو ته مال ۽ مرتبي جي لالچ انسان جي دين کي نقصان پهچائي ٿي.“ [2]

---

[1] صحيح مسلم، كتاب الزكاة، باب الحث علي الصدقة ولو بشق..الخ، الحديث: 1016، ص507
[2] سنن الترمذي، كتاب الزهد، باب43، الحديث: 2383، ج4، ص166

## تہ اھا اللّٰه عَزَّوَجَلَّ جي طرفان ڍر آهي:

اي وياج خورا رب عزيز و قدير عَزَّوَجَلَّ جي خفيہ تدبير کان خبردار! خبردار! خبردار! ڪٿي ائين نہ ٿئي تہ مليل جاني، مالي نعمتن ۽ آسانين جي ذريعي طرح طرح جي گناهن جو سلسلو وڌندو رهي ۽ اَڪڙيل سَڊول (يعني خوبصورت) بدن، مال ۽ ڌن دوزخ جو ٻارڻ بڻجڻ جا سبب بڻجي وڃن. انهيءَ سلسلي ۾ آيتِ قرآني ۽ حديثِ نبوي ملاحظ ڪريو ۽ **اللّٰه** عَزَّوَجَلَّ جي خُفيہ تدبير کان لرزو: حضرت سيدنا عُقبہ بن عامر رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُ کان روايت آهي تہ حضور نبيءِ پاڪ، صاحبِ لولاڪ صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ جو فرمان عبرت نشان آهي: ”جڏهن توهان ڏسو تہ **اللّٰه** عَزَّوَجَلَّ دنيا ۾ گنهگار ٻانهي کي اُهي شيون ڏئي رهيو آهي، جيڪي هن کي پسند آهن تہ اها هن جي طرفان ڍر آهي.“ پوءِ هيءَ آيت سڳوري تلاوت فرمائي:

فَلَمَّا نَسُوْا مَا ذُكِّرُوْا بِهٖ فَتَحْنَا عَلَيْهِمْ اَبْوَابَ كُلِّ شَیْءٍؕ حَتّٰۤى اِذَا فَرِحُوْا بِمَاۤ اُوْتُوْۤا اَخَذْنٰهُمْ بَغْتَةً فَاِذَا هُمْ مُّبْلِسُوْنَ ﴿۴۴﴾

(پ7، الانعام :44)

**ترجمو ڪنزالايمان:** پوءِ انهن جڏهن وساري ڇڏيو جيڪي انهن کي نصيحتون ڪيون ويون تہ اسان انهن تي هر شيءِ جا دروازا کولي ڇڏيا ايستائين جو جڏهن خوش ٿيا تہ ان تي جو کين مليو تہ اسان اوچتو کين پڪڙ ڪئي تڏهن اهي نااميد رهجي ويا. [1]

## گناهن کي سٺو سمجهڻ ڪفر آهي:

مفسرِ شهير، حڪيم الامت مفتي احمد يار خان عَلَیْہِ رَحمَۃُ اللہِ الْحَنَّانِ هن

---

[1] مسند للامام احمد بن حنبل، حديث: 17313، ج 6 ، ص122

آيت سڳوري جي تحت "تفسيرِ نورُ العِرفان" ۾ فرمائن ٿا: هن آيت سڳوري مان معلوم ٿيو تہ گناهن ۽ ڏوهن جي باوجود دنياوي راحتون ملڻ **الله** عَزَّوَجَلَّ جو غضب ۽ عذاب (بہ ٿي سگهي) ٿو جو انهيءَ سان انسان اچا وڌيڪ غافل ٿي گناهہ تي دلير ٿي وڃي ٿو. بلڪ ڪڏهن ڪڏهن سمجهي ٿو تہ "گناهہ سٺي شيءِ آهي، نہ تہ مون کي هي نعمتون نہ ملن ها." اهو ڪفر آهي.[1] وڌيڪ فرمايائون: نعمت تي خوش ٿيڻ جيڪڏهن فخر, تڪبُّر ۽ وڏائي جي طور تي هجي تہ برو آهي ۽ اهو ڪافرن جو طريقو آهي ۽ جيڪڏهن شُڪر جي لاءِ هجي تہ بهتر آهي, اهو صالحِين جو طريقو آهي.

## عبرت انگيز ڪتبو:

حضرت سيدنا **ابو زَڪَرِيَّا تيمي** عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللهِ الْقَوِی فرمائن ٿا: "خليفو **سُليمان بن عبدالمِلڪ** مسجدِ حرام شريف ۾ موجود هئا تہ انهن وٽ هڪ پٿر (Stone) آندو ويو جنهن تي ڪا تحرير نقش (Engraved) ٿيل هئي. انهن اهڙي شخص کي وٺي اچڻ لاءِ چيو جيڪو انهيءَ کي پڙهي سگهي. تنهنڪري مشهور تابِعي بزرگ **حضرت سيدنا وَهب بن مُنَبِّہ** رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْهِ تشريف وٺي آيا ۽ انهيءَ کي پڙهيو. ان تي لکيل هو: اي ابن آدم! جيڪڏهن تون پنهنجي موت جي ويجهو هجڻ کي ڄاڻي وٺين تہ وڏين وڏين اميدن کان پاسو ڪري پنهنجن نيڪ عملن ۾ گهٽائي جي لاءِ ڪوشش ڪرين ۽ حِرص،

---

[1] يعني گناهہ کي گناهہ تسليم ڪرڻ فرض آهي. انهيءَ کي ڄاڻي واڻي سٺو چوڻ يا سٺو سمجهڻ ڪفر آهي. ڪفريہ ڪلمات جي تفصيل ڄاڻڻ لاءِ دعوتِ اسلامي جي اشاعتي اداري مڪتبة المدينه جي شايع ٿيل 692 صفحن تي مشتمل ڪتاب "ڪفريه ڪلمات کے بارے میں سوال جواب" جو مطالعو فرمايو.

لالچ ۾ دنيا ڪمائڻ جون تدبيرون گهڻ ڪري ڇڏين. (ياد رک!) جيڪڏهن تنهنجا قدم ٿِڙي ويا ته قيامت جي ڏينهن توکي ندامت کي منهن ڏيڻو پوندو. تنهنجا گهر وارا توکان بيزار ٿي ويندا ۽ توکي تڪليفن ۾ ڦاٿل ڏسي ڇڏي ڏيندا. تنهنجا ماءُ پيءُ ۽ عزيز مائٽ به توکان جدا ٿي ويندا. تنهنجي اولاد ۽ ويجها رشتيدار تنهنجو ساٿ نه ڏيندا. پوءِ تون دنيا ۾ واپس اچي نه سگهندين ۽ نه ئي نيڪين ۾ اضافو ڪري سگهندين. بس انهيءَ حسرت ۽ ندامت جي گهڙي کان پهرين آخرت جي لاءِ عمل ڪري وٺ.[1]

وہ ہے عیش و عشرت کا کوئی محل بھی
جہاں تاک میں ہر گھڑی ہو اَجَل بھی
بس اب اپنے اِس جَہْل سے تُو نکل بھی
یہ جینے کا انداز اپنا بدل بھی
جگہ جی لگانے کی دنیا نہیں ہے
یہ عبرت کی جا ہے تماشا نہیں ہے

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!** عقلمند کي گهرجي ته هو پنهنجي گذريل زندگي جو جائزو وٺي پنهنجن گناهن تي شرمسار ٿي ڪري انهن کان سچي توبهه ڪري، گهڻو وقت زنده رهڻ جي اميد جي ڌوڪي ۾ نه پوي، بلڪ قبر ۽ آخرت جي تياريءَ جي لاءِ فورًا نيڪ عملن ۾ لڳي وڃي، دولت، مال ۽ گهروارن جي محبت ۾ نيڪيون ڇڏي گناهن ۾ نه پوي جو انهن سيني جو ساٿ ته گهڙي کن جو آهي ۽ نيڪيون قبر ۽ آخرت، بلڪ دنيا ۾ به ڪم اينديون.

---

(1) ذمّ الھویٰ، الکتاب الخمسون، الحدیث 1270، ص436

عزیز، اَحْباب، ساتھی دم کے ہیں، سب چُھوٹ جاتے ہیں
جہاں یہ تار ٹُوٹا ، سارے رِشتے ٹُوٹ جاتے ہیں

**مٺا مٺا ۽ پيارا اسلامي ڀائرو!** اهڙو آخرت جو فڪر ان وقت ئي حاصل ٿي سگهي ٿو جڏهن اسان موت کي هر وقت پنهنجي اکين جي سامهون رکون ۽ هن دارِ فاني (ختم ٿي وڃڻ واري دنيا) جي فاني شين جي دل ۾ ڪا حيثيت (يعني عزت) ئي نہ سمجهون. بلڪ جڏهن بہ هن دنيا جي ڪنهن شيءِ کي ڏسي ڪري خوشي حاصل ٿئي تہ هڪدم اها ڳالهہ ياد ڪريون تہ عنقريب هيءَ ختم (يعني فنا) ٿي ويندي يا مون کي انهيءَ کي ڇڏي ڪري وڃڻو پوندو.

جب اس بزم سے اُٹھ گئے دوست اکثر
اور اٹھتے چلے جا رہے ہیں برابر
یہ ہر وقت پیشِ نظر جب ہے منظر
یہاں پر ترا دل بہلتا ہے کیونکر
جگہ جی لگانے کی دنیا نہیں ہے
یہ عبرت کی جا ہے تماشا نہیں ہے

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## وياج خور جو مال ان کي ڪو نفعو نٿو ڏي:

وياج خور جڏهن مرندو تہ انهيءَ جو مال انهيءَ کي ڪو نفعو نہ ڏيندو. بلڪ هو پنهنجو سڀ مال ۽ اَسباب (ساز وسامان) پويان ڇڏي ويندو.

صاحبِ جود و نوال، رسولِ بي مثال، بي بي آمنہ جي لال صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ

وَسَلَّمَ جن جو فرمان عالي شان آهي: ”ٻانهو چوي ٿو منهنجو مال, منهنجو مال. جڏهن تہ ان جو مال تہ صرف ٽن قسمن جو آهي: (1)جيڪو هُن کائي ختم ڪري ڇڏيو (2) جيڪو پائي پراڻو ڪري ڇڏيو ۽ (3) جيڪو صدقو ڪري محفوظ ڪري ورتو. انهيءَ کان علاوه جيڪي ڪجهه آهي, اهو ماڻهن جي لاءِ ڇڏي هليو ويندو.“ [1]

## وياج جو انجام گهٽتائي تي ٿئي ٿو:

وياج خور جيئن تہ **الله** عَزَّوَجَلَّ جي ناراضگي ۽ غضب جي پرواهہ نٿو ڪري, بلڪ فقط مال جي گهٽائي کي ترجيح ڏئي ٿو بس **الله** عَزَّوَجَلَّ نہ صرف انهيءَ گهٽائي کي ختم ڪري ڇڏي ٿو بلڪ اصل مال کي بہ ختم ڪري ڇڏي ٿو ايستائين جو انهيءَ وياج خور جو انجام انتهائي فقر (يعني غُربت) تي ٿئي ٿو جيئن تہ اڪثر وياج خورن جو مشاهدو بہ ڪيو ويو آهي.

جيڪڏهن فرض ڪري ونون تہ هو انهيءَ ڏوڪي ۾ مبتلا ٿي ڪري هن دارِ فاني (يعني فاني دنيا) مان هليو ويو تہ **الله** عَزَّوَجَلَّ انهيءَ جي وارثن جي هٿان انهيءَ جو مال تباهہ ۽ برباد ڪري ڇڏيندو ۽ دنيا ۽ آخرت ۾ ذلت ۽ رسوائيءَ کان سواءِ ڪجهہ بہ هٿ نہ ايندو جيئن تہ:

**الله** عَزَّوَجَلَّ جو فرمانِ عالي شان آهي:

يَمۡحَقُ اللّٰهُ الرِّبٰوا وَيُرۡبِي الصَّدَقٰتِ ؕ وَاللّٰهُ لَا يُحِبُّ كُلَّ كَفَّارٍ اَثِيۡمٍ ﴿۲۷۶﴾

(پ3، البقرة:276)

**ترجمو ڪنزالايمان:** **الله** وياج کي برباد ڪري ٿو ۽ وڌائي ٿو خيرات کي ۽ **الله** کي پسند نہ آهي ڪو بہ بي شڪر ۽ سخت گنهگار.

---

[1] صحيح مسلم، كتاب الزهد والرقائق، الحديث: 2958، ص1582

سرڪارِ والاتبار، اسان بيڪسن جي مددگار صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جو فرمان عالي شان آهي: ”(ظاهري طور تي) وياج جيتوڻيڪ وڌندو ئي هجي، آخرڪار انهيءَ جو انجام گھٽتائيءَ تي ٿئي ٿو.“ [1]

ٿي سگھي ٿو تہ ڪنهن جي دل ۾ اهو وسوسو (Temptation) اچي تہ اسان تہ ڏسندا آهيون تہ ڪافر وغيره وياج سان خوب مالدار ٿي رهيا آهن، اسان تہ ڪنهن کي برباد ٿيندي ڏٺو ئي ناهي، تہ پوءِ اسان کي ئي ايترو ڇو ٿو ڊيڄاريو وڃي؟

اي منهنجا نادان اسلامي ڀاءُ! توهان کي ڇا ٿي ويو آهي؟ ڇا توهان نٿا ڄاڻو تہ ڇيڻي (Cow dung) جو ڪِيڙو (Worm) ڇيڻو کائي زنده رهي ٿو پر بُلبل (Nightingale) ڪڏهن ڇيڻو پسند نٿي ڪري ۽ ڪتي (Dog) جي خوراڪ هڏي (Bone) آهي، پر ٻڪري (Goat) هڏي نٿي کائي. مُومِن مُومِن آهي، ڪافِر ڪافِر آهي. اي مسلمان! انهيءَ حرام کائڻ واري کي ڏسي ڪري تون ڇو وسوسن جو شڪار ٿئين ٿو؟ اها بيوقوفي ۽ ناداني آهي، اها ايمان جي ڪمزوري آهي. انهن جي مال جي ڪثرت نہ ڏس، ياد رک تہ برڪت ۽ ڪثرت ۾ وڏو فرق آهي.

## برڪت ۽ ڪثرت ۾ فرق:

ڪثرت جي معنيٰ آهي زيادتي، گھٽائي ۽ برڪت جي معنيٰ آهي ڄمي وڃڻ، نہ نڪرڻ. يعني ٿورڙي بہ نعمت برڪت واري هجي تہ تمام گھڻو فائدو ڏئي ٿي، جيئن تہ برڪت واري ٿورڙي بہ برسات رحمت هوندي آهي، پر

[1] المسند للامام احمد بن حنبل، مسند عبدالله بن مسعود، الحديث: 4026، ج2، ص109

ڪثرت جي برسات ڪڏهن ڪڏهن عذاب بڻجي ويندي آهي. ڇا توهان نٿا ڄاڻو تہ سال ۾ هڪ ڪتي (Bitch) ڪيترا ٻچا ڄڻي ٿي؟ ۽ هڪ ٻڪري يا ڳئون وغيره ڪيترا ٻچا ڄڻين ٿيون؟ غور ڪريو تہ معلوم ٿيندو ڪُتي سال ۾ ڪيئي ٻچا ڄڻي ٿي، پر ڳئون يا ٻڪري وغيره بس هڪ يا ٻہ ٻچا ئي ڄڻين ٿيون ۽ انهيءَ جي باوجود ڌڻ بہ انهن جا نهن ٿا ۽ ڪتن جا ڪڏهن ڌڻ نٿا نهن.

اهڙي طرح روزانو هزارن جي تعداد ۾ ڳئون ۽ ٻڪريون ذبح ڪيون وڃن ٿيون ۽ حج جي ڏينهن ۾ مِنيٰ جي ميدان ۾ انهن پُر بهار فضائن ۾ لکن جي تعداد ۾ اهي جانور **الله** عَزَّوَجَلَّ جي راهہ ۾ ذبح ڪيا وڃن ٿا. مسلمان ڪروڙن جي تعداد ۾ عيد الاضحيٰ تي ڳئون ۽ ٻڪرن کي **الله** عَزَّوَجَلَّ جي راهہ ۾ ذبح ڪن ٿا. پر هي ڪُتو **الله** عَزَّوَجَلَّ جي راهہ ۾ ڪڏهن نٿو ڪُسجي، ڇو جو هي حرام آهي. بس جنهن شيءِ کي **الله** عَزَّوَجَلَّ حرام قرار ڏنو آهي، اها تعداد ۾ گهڻي تہ ٿي سگهي ٿي، پر برڪت کان خالي هوندي آهي ۽ جنهن کي **الله** عَزَّوَجَلَّ حلال قرار ڏنو آهي، اُها کوٽ جي باوجود بہ برڪت واري هوندي آهي.

## وياج خور مظلوم جي بددعا سان هلاڪ ٿي وڃي ٿو:

وياج خور کي ماڻهو بُرو سمجهندا آهن. انهيءَ کي فاسِق ۽ فاجِر چوندا آهن. انهيءَ وٽ پنهنجون امانتون نٿا رکرائن. وياج خور جي هٿان جيڪي غريب ۽ فقير تباهہ ٿين ٿا ۽ جن کان وياج وٺڻ (وصول ڪرڻ) ۾ هي سختي ڪري ٿو يقينًا انهن جي بددعائن جو شڪار ٿي وڃي ٿو ۽ اهو بہ هڪ بنيادي سبب آهي، جيڪو انهيءَ جي جان ۽ مال مان خير ۽ برڪت جي خاتمي جو باعث بڻجي ٿو ڇاڪاڻ تہ مظلوم جي بددعا ۽ **الله** عَزَّوَجَلَّ جي وچ ۾ ڪو پردو ناهي هوندو. جيئن تہ

حضرت سيدنا ابنِ عباس رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْهُمَا فرمائن ٿا: سرڪار والاتبار، اسان بيڪسن جا مددگار صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جڏهن حضرت سيدنا معاذ رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْهُ کي يمن موڪليو تہ ارشاد فرمايائون: ”مظلوم جي بددعا کان بچجانءِ، ڇاڪاڻ تہ انهيءَ جي ۽ **اللّٰه** عَزَّوَجَلَّ جي وچ ۾ ڪو پردو ناهي هوندو.“[1]

دعوتِ اسلامي جي اشاعتي اداري مڪتبة المدينه جي شايع ٿيل 853 صفحن تي مشتمل ڪتاب ”جهنم ميں لے جانے والے اعمال“ جلد اول، صفحو 719 تي هڪ حديث پاڪ ۾ آهي تہ: تاجدارِ رسالت، شهنشاهِ نُبُوَّت صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن ارشاد فرمايو: ”جڏهن مظلوم، ظالم جي لاءِ بددعا ڪري ٿو تہ **اللّٰه** عَزَّوَجَلَّ انهيءَ مظلوم کي ارشاد فرمائي ٿو: آئون ضرور تنهنجي مدد فرمائيندس، جيتوڻيڪ ڪجهہ عرصي کان پوءِ ٿي هجي.“[2]

**مٺا مٺا ۽ پيارا پيارا اسلامي ڀائرو!** وياج خور جي ظلم جو شڪار ٿيڻ واري هڪ عورت جڏهن هڪ وياج خور جي لاءِ بددعا ڪئي تہ انهيءَ جو انجام ڇا ٿيو؟ اچو ٻڌون ٿا. جيئن تہ،

## وياج خور حڪيم جو عبرتناڪ موت:

مدينةُ الاولياء (ملتان شريف) ۾ هڪ حڪيم حِڪمت جو دوڪان هلائيندو هو. هڪ ڏينهن اهو حڪيم شام جو دوا خاني مان فارغ ٿي ڪري گهر ويو ماني کاڌي، سومهڻي جي نماز پڙهي ۽ رات جي معمولات کان فارغ ٿي ڪري سمهي پيو. جڏهن رات جو هڪ حصو گذري ويو تہ اوچتو اهو

---

[1] صحيح البخاري، كتاب المظالم والغصب، باب الاتقاء والحذر من دعوة المظلوم، الحديث: 2448، ج2، ص128

[2] جهنم ميں لے جانے والے اعمال ج1، ص719

حڪيم جاڳي پيو ۽ پنهنجي پيٽ تي هٿ رکي ڪري ويهي رهيو. انهيءَ تي بيچيني جي ڪيفيت طاري هئي. ڪجهه دير ڪان پوءِ هڪ دل ڏاريندڙ منظر ائين ظاهر ٿيو جو انهيءَ جو پيٽ ڦاٽي پيو ۽ سڄي گهر ۾ گندگي ۽ بدبو جي سخت آنڌي هلڻ لڳي، جيڪا وڌندي وڌندي پوري پاڙي ۾ ڦهلجي وئي. بدبو ايتري شديد هئي جو ڪيترا ئي ماڻهو بيهوش ٿي ويا. گهروارن ميونسپل ڪارپوريشن جي ماڻهن کي راتو رات گهرايو ۽ انهيءَ بدبودار لاش کي ڪچري واري گاڏيءَ ۾ وجهرائي ڪري شهر کان ٻاهر اُڇلرائي ڇڏيو.

ٻي ڏينهن انهيءَ دل ڏاريندڙ واقعي جي خبر سڄي علائقي ۾ ڦهلجي وئي. هر شخص بي چين هو ته آخر هي حڪيم اهڙو ڪهڙو بُرو ڪم ڪندو هو جو ايتري قدر سخت عذاب جو شڪار ٿي مئو؟ ان جي خطرناڪ انجام جي خبر ٻڌائيندي هڪ شخص ٻڌايو ته هي حڪيم دوا خاني کان علاوه وياج جي ڏي وٺ به ڪندو هو ۽ حادثي واري ڏينهن ان هڪ مَقروض (يعني قرضدار) عورت سان وياج جي رقم گهٽ هجڻ تي بدتميزي ڪئي، جنهن تي هن بددعا ڏني ۽ ائين هي حڪيم وياج جي ڏي وٺ جي ڪري عبرتناڪ عذاب جو شڪار ٿي ويو.

## وياج سان معيشت برباد ٿي وڃي ٿي:

اها وياج جي ئي نحوست آهي جو ملڪ مان تجارت جو ڏيوالو (Insolvent) نڪري وڃي ٿو. ظاهر آهي ته دولت ڪجهه ادارن ۾ ئي محدود ٿي وڃي ٿي ۽ تجارت (Trading) جنهن دولت (Wealth/Money) جي ذريعي ٿئي ٿي. جڏهن ڪجهه ادارن تائين ئي محدود ٿي ويندي ته معيشت جي گاڏي جو ڦيٿو به رڪجي ويندو.

مثال جي طور تي آئون هڪ چادر خريد ڪريان ۽ جنهن مون کي چادر وڪڻي ان کي نفعو ٿئي ها ۽ اهڙي طرح چادر جي ڊيمانڊ وڌي ها. جنهن سان انهيءَ جي پيداوار بہ وڌي ها ۽ پوءِ ڪپڙي جي انڊسٽري هلي ها. ڊائينگ (Dyeing) جي انڊسٽري هلي ها. سُٽ (Yarn) جو ڪم هلي ها. ڪپهہ (Cotton) جو فصل وڏيڪ پوکيو وڃي ها. طرح طرح جون برڪتون نصيب ٿين ها. پر وياج جي حصول جي ڪري ماڻهو مارڪيٽ (Market) مان پئسو ڪڍي ڪري مختلف وياج جي ادارن ۾ جمع ڪرايو ڇڏين ٿا. ڇو جو انهن کي گهر ويٺي کائڻ جي عادت پئجي وڃي ٿي.

## ڏوهن جو اضافو:

وياج جي نحوست سان جڏهن انڊسٽري (Industry) برباد ٿي وڃي ٿي تہ تجارت (Trading) ختم ٿي وڃي ٿي ۽ اهڙي طرح بيروزگاري (Unemployment) وڌي ٿي. جڏهن بيروزگاري وڌي ٿي تہ ڏوهن ۾ اضافو ٿئي ٿو. ڪارخانا تہ بند ٿي وڃن ٿا. پر ماڻهن جون ضرورتون پوريون نٿيون ٿين. بلڪ اُهي اڃا بہ انهن سان لڳل هونديون آهن. جهڙي طرح هڪ بيروزگار شخص جڏهن ڏسي ٿو تہ زال ۽ ٻار بُک جي ڪري تڙپي رهيا آهن. ماءُ پيءُ اميدون ٻڌيو ويٺا آهن تہ پُٽ ڪڏهن ڪجهہ ڪمائي آڻيندو. هاڻي هي شخص وياج جي انهيءَ نحوست (The Curse of Interest) جي ڪري ڇا ٿو ڪري؟

آهہ! هاڻي هي نوجوان ڪنهن جو موبائل فون کسي وٺي ٿو. ڪنهن جي ڪار کسي وٺي ٿو ڪنهن جي گهر ۾ ڌاڙو هڻي ٿو ڪنهن جو کيسو ڪٽي ٿو پرس ڪٽي وٺي ٿو. پوءِ اهو ئي نوجوان دولت جي خاطر قتل بہ ڪري ڇڏي

ٿو. انهيءَ ئي دولت جي خاطر پلاٽن تي قبضو ڪري ٿو انهيءَ ئي دولت جي خاطر ماڻهو مختلف قسمن جي ڏوهن جو شڪار ٿي وڃن ٿا ۽ اهڙي طرح معاشري ۾ ڏوهن جو هڪ نہ ختم ٿيڻ وارو سلسلو شروع ٿي وڃي ٿو.

اهو نٿو چئي سگهجي تہ اهو شخص جيڪي ڪجهہ ڪري رهيو آهي، صحيح ڪري رهيو آهي، بلڪ يقينًا هي غلط ڪري رهيو آهي، هي ڏوهي آهي يعني ڌاڙو ۽ چوري، موبائل فون کسڻ، ماڻهن جا کيسا ڪٽڻ، گهرن کي لُٽڻ، تجوڙين کي صاف ڪرڻ وغيره اهو سڀ غلط آهي. جيڪڏهن توبهہ ڪرڻ کان سواءِ مري ويو ۽ **الله** عَزَّوَجَلَّ ۽ ان جا پيارا حبيب صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم رُسي ويا تہ سخت عذاب جو انديشو آهي.

وياج جي انهيءَ نحوست جي ڪري اها دولت بس ڪجهہ ادارن تائين محدود ٿي وئي آهي، جو جنهن جي ذريعي خريد ۽ فروخت ۽ تجارت ٿيڻي هئي. هاڻي انهيءَ جو نتيجو هي آهي تہ معاشري ۾ ڏوهہ وڌي چڪا آهن.

**مٺا مٺا ۽ پيارا اسلامي ڀائرو!** رشوت جي خاتمي تي حڪومتي ادارا ڪم ڪري رهيا آهن، چوري جي روڪ ٿام لاءِ حڪومتي ادارا ڪم ڪري رهيا آهن. اي ڪاش! وياج جي هن وڌندڙ فعل جي لاءِ بہ ڪو حڪومتي ادارو ٺهي وڃي، جيڪو وياج جي ان نحوست کي روڪي.

## قيامت جي ڏينهن وياج خور جي حالت:

وياج خور جو حشر جي ڏينهن اهو انجام ٿيندو جو الامان والحفيظ... جيئن تہ،

حضرت سيدنا عوف بن مالڪ رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهُ کان مروي آهي تہ شهنشاهِ مدينہ، صاحبِ مُعَطّر پسينہ، باعثِ نُزُولِ سڪينہ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن

ارشاد فرمايو: ”قيامت جي ڏينهن وياج خور کي انهيءَ حال ۾ اٿاريو ويندو جو هو چريو ۽ بدحواس هوندو.“ [1]

يعني وياج خور قبرن مان اُٿي ڪري حشر جي طرف ائين ٿڙندا ٿاٻڙندا ويندا، جيئن ڪنهن تي شيطان سوار ٿي ڪري انهيءَ کي ديوانو ڪري ڇڏي، جنهن سان هو سڌو هلي نه سگهندو. انهيءَ لاءِ ته جڏهن ماڻهو قبرن مان اٿاريا ويندا ۽ محشر جي طرف هلندا ته سڀ، ايستائين جو ڪافر به صحيح هلندا، پر وياج خور لاءِ هلڻ ڦرڻ مشڪل هوندو ۽ اها ئي وياج خور جي سُڃاڻپ هوندي.

## وياج خور جو نفل قبول ٿيندو نه ڪو فرض:

الله عَزَّوَجَلَّ وياج خور کي قيامت جي ڏينهن هلاڪ فرمائيندو. انهيءَ جو صدقو، خيرات، حج، صله رحمي، جهاد سڀ برباد ٿيندا، انهيءَ لاءِ جو هُن سموريون نيڪيون وياج جي مال مان ڪيون هونديون، ڇاڪاڻ ته خراب ٻج جو ميوو به خراب ئي هوندو آهي. انهيءَ وياج خور جو مال نه ان کي موت جي وقت ڪم ايندو نه ئي موت کان پوءِ. جيئن ته،

حضرت سيدنا عبدالله بن عباس رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنۡهُمَا کان مروي آهي: ”وياج خور جو نه صدقو قبول ڪيو ويندو نه جهاد، نه حج، نه صله رحمي.“ [2]

## وياج خور جي قبر مان ٻرندڙ باهه نڪتي:

اڄ کان تقريبًا پنجاهه سال اڳ جي ڳالهه آهي ته ”جلال پور پير والا“ جي پرواري علائقي جي هڪ قبر مان هر جمعي جي رات جو ٻرندڙ باهه نڪرندي

---

(1) المعجم الکبیر، عوف بن مالک، الحدیث: 110، ج18، ص60
(2) تفسیر قرطبي، البقرة، تحت الآیة: 276، ج2، الجزء الثالث، ص274

هئي. باهه جا شعلا پري کان واضح ڏسبا هئا. علائقي وارا انهيءَ قبر ۾ دفن شخص تي **الله** عَزَّوَجَلَّ جو عذاب ٿيندو ڏسي ڪري تمام گهڻا پريشان هئا. تنهنڪري،

هو هڪ بزرگ جي بارگاهه ۾ حاضر ٿيا ۽ سمورو حال بيان ڪيائون. اُهي بزرگ ڪجهه ڏينهن تائين انهيءَ عذاب واري قبر وٽ **الله** عَزَّوَجَلَّ جو ذڪر ڪندا رهيا. مختلف وِرد وظيفن ۾ مشغول رهيا ۽ ميت جي لاءِ دعائون ڪيون. آخرڪار اها عذاب جي صورت اکين کان لڪي وئي. عذاب واري قبر جي باري ۾ جڏهن معلومات ڪئي وئي تہ خبر پئي تہ صاحبِ قبر ظاهري طور تي تہ نيڪ مسلمان هو پر وياج جي ڏي وٺ ڪندو هو.

**مٺا مٺا ۽ پيارا اسلامي ڀائرو!** خبر ناهي تہ **الله** عَزَّوَجَلَّ جو غضب ڪهڙي گناهہ جي ڪري نازل ٿي وڃي ، اسان کي هر گناهہ کان توبهہ ڪرڻ گهرجي. اسان کي ڇا ٿي ويو آهي؟ مال ۽ دنيا جي محبت ايترو تہ انڌو ڪري ڇڏيو آهي جو وياج جي ڪاروبار ۽ وياج جي ڏي وٺ ۾ ڦاسي ڪري وياج تي قرض کڻڻ جي لاءِ تيار ٿي وياسين. جيڪڏهن **الله** عَزَّوَجَلَّ ناراض ٿي ويو ۽ انهيءَ جا پيارا حبيب صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن رُسي ويا ۽ وياج جي ڪري عذاب اچي ورتو تہ ڇا ڪنداسين؟

ڪرلے توبہ رب کی رحمت ہے بڑی
قبر میں ورنہ سزا ہوگی کڑی
ایک دن مرنا ہے آخر موت ہے
کرلے جو کرنا ہے آخر موت ہے

آگاہ اپنی موت سے کوئی بشر نہیں
سامان سو برس کا ہے پل کی خبر نہیں

## حلال ۽ حرام جي تميز ختم ٿي چڪي آهي:

مٺا مٺا ۽ پيارا اسلامي ڀائرو! حرام مال آفت آهي ۽ آهہ! هاڻي اهو دور اچي چڪو آهي جو معاشري مان حلال ۽ حرام جي تميز ختم ٿي وئي آهي. انسان مال جي محبت ۾ انڌو ٿي چڪو آهي. انهيءَ کي بس مال گهرجي، چاهي جيئن بہ اچي. جيئن تہ،

حضور نبيءِ پاڪ، صاحبِ لولاڪ، سيّاح افلاڪ صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمان عالي شان آهي: ”ماڻهن تي هڪ وقت اهڙو ايندو جو ماڻهو پرواهہ بہ نہ ڪندا تہ انهيءَ شيءِ کي ڪٿان کان حاصل ڪيو آهي؟ حلال سان يا حرام سان؟“ (1)

مٺا مٺا ۽ پيارا اسلامي ڀائرو! حرام مال ۾ ڪا ڀلائي ناهي، بلڪ انهيءَ ۾ بربادي ئي بربادي آهي. حرام مال مان ڪيل صدقو قبول نہ ٿو ٿئي، نہ ئي انهيءَ ۾ برڪت ٿئي ٿي ۽ ڇڏي ڪري مري تہ دوزخ جي عذاب جو سبب بڻجي ٿو. جيئن تہ،

## حرام مال مان ڪيل صدقو مقبول نہ آهي:

حضرت سيدنا عبدالله بن مسعود رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهُ کان روايت آهي تہ سرڪارِ مدينہ صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمانِ عالي شان آهي: ”جيڪو ٻانهو حرام مال حاصل ڪري ٿو جيڪڏهن انهيءَ کي صدقو ڪري تہ مقبول نہ

---

(1) صحيح البخاري، ڪتاب البيوع، باب قول الله تعاليٰ: ياايها الذين اٰمنوْا لا تاڪلوا الربا، الحديث: 2083، ج2، ص14

آهي ۽ خرچ ڪري تہ انهيءَ لاءِ ان ۾ برڪت ڪونهي ۽ ڇڏي ڪري مرندو تہ دوزخ ۾ وڃڻ جو سامان آهي. **اللّٰه** عَزَّوَجَلَّ برائيءَ کي برائيءَ سان نٿو متائي. ها نيڪي کي برائيءَ سان متائي ڇڏي ٿو. بيشڪ خبيث کي خبيث نٿو متائي."[1]

## حرام کائڻ وارو باھ جو حقدار آهي:

حضرت سيدنا جابر رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْہُ کان روايت آهي تہ مدني تاجدار صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ جن ارشاد فرمايو: "جيڪو گوشت حرام سان وڌيو آهي (يعني پليو آهي) اهو جنت ۾ داخل نہ ٿيندو. (يعني شروع ۾ ۽ چاڪاڻ تہ مسلمان آخرڪار جنت ۾ ويندو) جو انهيءَ جي لاءِ باھ وڌيڪ بهتر آهي." [2]

## حرام کائڻ سان دعا قبول نٿي ٿئي:

صاحبِ جُود ونوال، رسولِ بي مثال صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ جو فرمان عالي شان آهي: **اللّٰه** عَزَّوَجَلَّ پاڪ آهي ۽ پاڪ کي ئي دوست رکي ٿو ۽ هن مؤمنن کي اهو ئي حڪم ڏنو آهي، جيڪو مرسلين کي ڏنو هو جيئن رسولن جي لاءِ ارشاد فرمايو:

يٰۤاَيُّهَا الرُّسُلُ كُلُوْا مِنَ الطَّيِّبٰتِ وَ اعْمَلُوْا صَالِحًا ؕ اِنِّيْ بِمَا تَعْمَلُوْنَ عَلِيْمٌ ؕ﴿۵۱﴾ (پ18،المومنون:51)

**ترجمو ڪنزالايمان**: اي پيغمبرو پاڪيزه شيون کائو ۽ چڱا ڪم ڪريو مان توهان جي عملن کي ڄاڻان ٿو.

۽ مومنين کي ارشاد فرمايو:

---

(1) المسند للامام احمد بن حنبل، مسند عبدالله بن مسعود، الحديث: 3672، ج2، ص34

(2) المرجع السابق، مسند جابر بن عبدالله، الحديث: 14448، ج5، ص64 ملتقطاً

يٰۤاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا كُلُوْا مِنْ طَيِّبٰتِ مَا رَزَقْنٰكُمْ (پ2،البقرة:172)

**ترجموڪنزالايمان:** اي ايمان وارؤ کائو اسان جو ڏنل پاڪ شيون.

پوءِ پاڻ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن هڪ شخص جو ذڪر ڪيو جيڪو ڊگهو سفر ڪري ٿو جنهن جو حال پريشان ۽ بدن مٽيءَ سان اٽيل آهي (يعني ان جي حالت اهڙي آهي جو جيڪا دعا ڪري، سا قبول ٿئي) ۽ پنهنجا هٿ آسمان ڏانهن کڻي ڪري يا رب! يا رب! چوي ٿو حالانڪ ان جو کائڻ حرام، پيئڻ حرام، لباس حرام ۽ غذا حرام هجي، پوءِ انهيءَ جي دعا [1] ڪيئن قبول ٿيندي؟[2]

هڪ روايت ۾ حضرت سيدنا سَعد رَضِيَ اللّٰهُ تَعَالٰى عَنْهُ کي مُستَجابُ الدَّعَوات بڻجڻ جو نسخو ارشاد فرمائيندي جناب صادق و امين صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن ارشاد فرمايو: ”اي سعدا! پنهنجي غذا کي پاڪ ڪري وٺ! مُستَجابُ الدَّعَوات ٿي ويندين. انهيءَ ذات پاڪ جو قسم، جنهن جي قبضـﮯ قدرت ۾ محمد (صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم) جي جان آهي! ٻانهو حرام جو گرهه پنهنجي پيٽ ۾ وجهي ٿو تہ انهيءَ جا 40 ڏينهن جا عمل قبول نٿا ٿين ۽ جنهن ٻانهي جو گوشت حرام ۽ وياج سان نپي وڌو ٿيو (يعني وڌيو) هجي، انهيءَ جي لاءِ باهہ وڌيڪ بهتر آهي.“[3]

**مٺا مٺا ۽ پيارا اسلامي ڀائرو!** جيڪڏهن دعا جي قبوليت جي

---

[1] يعني جيڪڏهن دعا جي قبول ٿيڻ جي خواهش هجي تہ ڪسبِ حلال (حلال روزي) اختيار ڪريو جو انهيءَ ڪان سواءِ دعا جي قبوليت جا سبب بيڪار آهن.
[2] المسند للامام احمد بن حنبل، مسند ابي هريره، الحديث: 8356، ج3، ص220
[3] المعجم الاوسط، الحديث: 6495، ج5، ص34

خواهش هجي تہ حلال روزگار اختيار ڪريو جو انهيءَ ڪان سواءِ نہ دعا قبول ٿئي ٿي نہ ئي نماز ۽ ٻيا فرض. جيئن تہ

حضرت سيدنا عبدالله بن عباس رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهُمَا کان روايت آهي: "وياج خور جو نہ صدقو قبول ڪيو ويندو نہ جهاد. نہ حج ۽ نہ ئي صلہ رحمي."[1]

## آهہ! نيڪيون خاڪ ٿي ويون:

**الله** عَزَّوَجَلَّ جي محبوب، داناءِ غُيوب، مُنَزَّہ عَنِ العُيُوب صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جو فرمان عالي شان آهي: "قيامت جي ڏينهن ڪجهہ ماڻهن کي آندو ويندو جن وٽ تِهَامَہ جبلن جي برابر نيڪيون هونديون. ايستائين جو جڏهن انهن کي آندو ويندو تہ **الله** عَزَّوَجَلَّ انهن جي نيڪين کي اُڏندڙ خاڪ (مٽيءَ) وانگر ڪري ڇڏيندو. پوءِ انهن کي دوزخ ۾ اڇلايو ويندو." عرض ڪيو ويو: "يا رسول الله صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ! ائين ڇو ٿيندو؟" تہ پاڻ صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن ارشاد فرمايو: "اهي نماز پڙهندا. زڪوات ڏيندا. روزا رکندا ۽ حج ڪندا هوندا. پر جڏهن انهن کي ڪا حرام شيءِ ڏني ويندي هئي تہ وٺي ڇڏيندا هئا. بس **الله** عَزَّوَجَلَّ انهن جي عملن کي مٽائي ڇڏيندو."[2]

## وياج خور کي ازدهي ويڙهي ورتو:

ڪوئيٽا اين اين آئي نيوز ايجنسي جي حوالي سان هڪ خبر منقول آهي تہ بلوچستان جي هڪ ڳوٺ ۾ مردي کي قبر ۾ لاهيندي ان وقت ماڻهن ۾ خوف ۽ هراس ڦهلجي ويو. جڏهن مردي سان لپٽيل هڪ ازدها (وڏو نانگ) ڪفن مان پنهنجو مٿو ٻاهر ڪڍيو. تفصيل مطابق شيخ مانده جو رهاڪشي

---

[1] تفسير قرطبي، البقرة، تحت الآية: 276، ج2، الجزء الثالث، ص274

[2] كتاب الكبائر، للذهبي، الكبيرة الثامنة والعشرون، فصل في من... الخ، ص136

لاڏاڻو ڪري ويو. جنازي جي نماز کان پوءِ جڏهن مردي کي قبر ۾ لاهڻ وقت انهيءَ جي مٿان ڪپڙو هٽايو ويو ته انهيءَ جي ڪفن مٿان هڪ خوفناڪ اژدها ليپٽيل هو. عيني شاهدن (اکين ڏٺي گواهن) جي مطابق نانگ، مردي جي پيرن کان ور کائيندو پوري ڪفن کان ٿيندو انهيءَ جي مٿي جي مٿان هو. ماڻهن ڀڄايو ته هلاڪ ٿيندڙ شخص وياج جي هڪ قسم جو ڪاروبار ڪندو هو ۽ عالمن ماڻهن کي نانگ کي مارڻ کان منع ڪندي اٿين ئي دفن ڪرڻ جو حڪم ڏئي ڇڏيو. **الله** عَزَّوَجَلَّ اسان سڀني کي محفوظ فرمائي.

# وياج جو علاج

(The Cure of Interest)

## پهريون علاج ڏکيين اميدن کان بچڻ:

**مٺا مٺا ۽ پيارا اسلامي ڀائرو!** وياج جي نحوست کان محفوظ رهڻ لاءِ سڀ کان پهرين ڏکيين اميدن کان پنهنجي دامن کي پاڪ رکڻ جي ضرورت آهي. جيئن ته.

## سامان سو برس کا ھے، خبر پل کی نہیں:

حضرت سيدنا **ابو سعيد خُدري** رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْہُ کان روايت آهي ته حضرت سيدنا اُسامہ بن زيد رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْہُ جن حضرت سيدنا زيد بن ثابت رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْہُ کان هڪ ٻانهيءَ هڪ سو دينارن ۾ خريد ڪئي ۽ هڪ مهيني تائين جي اوڌر ڪيائين ته مون نبيءِ اڪرم صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن کي فرمائيندي ٻڌو: ”ڇا توهان اُسامہ تي تعجب نٿا ڪريو جنهن هڪ مهيني جي اوڌر تي ٻانهيءَ خريد ڪئي آهي. ان ته ڏکي اميد لڳائي رکي آهي. انهيءَ ذات جو قسم، جنهن جي

قبضــۀ قدرت ۾ منهنجي جان آهي! مون پنهنجون اکيون جڏهن بہ کوليون تہ اهو ئي خيال ڪيو تہ اکيون بند ڪرڻ کان پهرين الله عَزَّوَجَلَّ منهنجو روح قبض ڪري وٺندو ۽ جڏهن بہ پنهنجون اکيون مٿي کڻان ٿو تہ اهو ئي خيال ڪريان ٿو تہ انهن کي هيٺ ڪرڻ کان پهرين منهنجي روح قبض ٿي ويندو ۽ جڏهن آئون گرهہ کڻان ٿو تہ اهو ئي خيال هوندو آهي تہ انهيءَ کي ڳڙڪائڻ کان پهرين پهرين موت اچي ويندو.“ ان کان پوءِ ارشاد فرمايائون: ”اي انسانو! جيڪڏهن توهان کي عقل آهي تہ پنهنجو پاڻ کي مرده ماڻهن ۾ شمار ڪريو. انهيءَ ذات جو قسم، جنهن جي قبضــۀ قدرت ۾ منهنجي جان آهي! جنهن ڳالهہ جو توهان سان واعدو ڪيو ويو آهي (يعني موت) اُهو اچڻ وارو آهي ۽ اوهان ان کي ٽاري نٿا سگهو.“ [1]

انهيءَ روايت ۾ ڪيتري قدر عبرت جا مدني گُل آهن. اهي اُهي ڊگهيون اميدون آهن، جيڪي ڊگهن منصوبن ۽ ڊگهي زندگي جي اُميد تي وياج تي قرض وٺڻ ۽ ڏيڻ تي راضي ڪري ڇڏن ٿيون تہ پنجن يا ڏهن سالن ۾ قسطن جي ادائگي ڪري ڇڏيندا سين.

**مٺا مٺا ۽ پيارا اسلامي ڀائرو!** ياد رکو! ڊگهين اُميدن جو بنيادي سبب دنيا جي محبت آهي ۽ هي مال ۽ دنيا جي محبت ئي ٻانهي کي موت کان غافل ڪري ڇڏيندي آهي، جنهن جي ڪري هو دنيا جو عيش ۽ آرام حاصل ڪرڻ لاءِ هر گهڙي مصروف رهي ٿو. اسان بيڪسن جي مددگار، سرڪار والاتبار صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جا تمام گهڻا ارشاد آهن، جن سان دنيا جي محبت کان جان ڇڏائي ڪري آخرت جي تياري جو ذهن ملي ٿو ۽ انهن ارشادن ۾ سبب ۽

[1] شعب الايمان، باب في الزهد وقصر الامل، الحديث: 10564، ج7، ص355

علاج ٻئي موجود آهن. جيئن ته

## ”طولِ امل“ جي ڇهن اکرن جي نسبت سان ٻڌڪين اميدن جي باري ۾ ڇهه فرامين مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ

(1)... حضرت سيدنا عبدالله بن مسعود رَضِيَ اللّٰهُ تَعَالٰى عَنْهُ فرمائن ٿا ته شفيع روزِ شمار، ٻنهي جهانن جي مالڪ ۽ مختيار باذنِ پروردگار صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن اسان جي لاءِ چوڪنڊي شڪل ۾ هڪ ليڪ ڇڪي. انهيءَ جي وچ مان به هڪ ليڪ ڇڪي. پوءِ انهيءَ جي چوڌاري ڪيترين ئي ليڪون ڇڪيون ۽ هڪ ليڪ ڇڪي، جيڪا چوڪور کان ٻاهر وڃي رهي هئي. پوءِ پاڻ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن فرمايو: ”ڇا توهان ڄاڻو ٿا هي ڇا آهي؟“ اسان عرض ڪيو: ”الله عَزَّوَجَلَّ ۽ ان جو رسول صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ بهتر ڄاڻن ٿا.“ پاڻ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن وچين ليڪ جي باري ۾ ارشاد فرمايو ته هي انسان آهي ۽ چوڪور شڪل جي باري ۾ فرمايو ته هي موت آهي، جيڪا انهيءَ کي گهيريل آهي ۽ وچ واريون ليڪون مصيبتون آهن، جيڪي هُن کي پٺيان پيون. جيڪڏهن هڪ کان بچي وڃي ته ٻئي جي ور چڙهي وڃي ٿو ۽ ٻاهر نڪرڻ واري ليڪ جي باري ۾ فرمايو ته اها اميد آهي.“[1]

(2)... حضرت سيدنا حسن بصري عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللّٰهِ الْقَوِی فرمائن ٿا ته شهنشاهِ خوش خصال، پيڪرِ حُسن و جمال، دافعِ رنج و مَلال صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن صحابهءِ ڪرام رِضْوَانُ اللّٰهِ تَعَالٰى عَلَيْهِمْ اَجْمَعِيْن کان دريافت فرمايو: ”ڇا توهان سڀ جنت ۾ وڃڻ چاهيو ٿا؟“ انهن عرض ڪيو: ”جي ها يا رسول الله صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ!“ ته پاڻ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن ارشاد فرمايو: ”اميدون

---

[1] صحيح البخاري، كتاب الرقاق في الامل وطوله، الحديث: 6417، ج4، ص224

گهٽ رکو ۽ پنهنجي موت کي اکين جي سامهون رکو ۽ الله عَزَّوَجَلَّ کان اهڙي طرح حيا ڪريو جهڙي طرح حيا ڪرڻ جو حق آهي.“[1]

(3)... نور جي پيڪر، سيني نبين جي سرور، پنهي جهانن جي تاجور، سلطانِ بحر و بر صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن حضرت سيدنا مُعَاذ بن جَبَل رَضِيَ اللّٰهُ تَعَالٰى عَنْهُ کان ان جي ايمان جي حقيقت پڇي ته انهن عرض ڪيو: ”ئون جڏهن به ڪو قدم کڻان ٿو ته اهو خيال ڪريان ٿو ته انهيءَ کان پوءِ ٻيو قدم ڪونه کڻندس.“[2]

(4)... حضرت عبدالله بن مسعود رَضِيَ اللّٰهُ تَعَالٰى عَنْهُ فرمائن ٿا ته حضور نبيءِ پاڪ، صاحبِ لولاڪ، سيّاحِ افلاڪ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن جڏهن هيءَ آيت تلاوت فرمائي:

فَمَنْ یُّرِدِ اللّٰهُ اَنْ یَّهْدِیَهٗ یَشْرَحْ صَدْرَهٗ لِلْاِسْلَامِۚ (پ8،الانعام: 125)

**ترجمو ڪنزالايمان**: ۽ جنهن کي الله وات ڏيکارڻ چاهي ان جو سينو اسلام جي واسطي کولي ڇڏيندو آهي.

انهيءَ کان پوءِ پاڻ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن ارشاد فرمايو: ”جڏهن نور سيني ۾ داخل ٿئي ٿو ته سينو کلي وڃي ٿو.“ عرض ڪيو ويو: ”يا رسول الله صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ! ڇا ان جي ڪا نشاني آهي، جنهن جي ذريعي سڃاڻ ٿي سگهي؟“ پاڻ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن ارشاد فرمايو: ”ها، ڌوکي واري گهر کان پري رهڻ، دائمي گهر ڏانهن رجوع ڪرڻ ۽ موت جي اچڻ کان پهرين انهيءَ جي لاءِ تياري ڪرڻ.“[3]

(5)... حضرت عبدالله بن عمر رَضِيَ اللّٰهُ تَعَالٰى عَنْهُمَا کان مروي آهي ته هڪ ڏينهن

---

[1] ڪتاب الزهد لابن مبارک، باب الهرب من الخطايا والذنوب، الحديث: 317، ص107
[2] حلية الاولياء، الرقم 36 معاذ بن جبل، الحديث: 816، ج1، ص306
[3] المستدرک للحاکم، ڪتاب الرقاق، باب اعلام النور في الصدور، الحديث: 7933، ج5، ص442

حضور نبيءِ پاڪ، صاحبِ لولاڪ صَلَّى اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ٻاهر تشريف وٺي آيا تہ ان وقت اُس وڻن جي تارين تائين پهچي چڪي هئي. پوءِ پاڻ ڪريم صَلَّى اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن ارشاد فرمايو: ”دنيا ايتري قدر باقي رهجي وئي آهي، جيتري قدر گذريل ڏينهن جي مقابلي ۾ هي وقت باقي آهي.“[1]

(6)... حضرت عَمرو بن عوف رَضِيَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهُ فرمائن ٿا تہ اللّٰه عَزَّوَجَلَّ جي محبوب، داناءِ غُيُوب، مُنَزَّه عَنِ العُيُوب صَلَّى اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن ارشاد فرمايو: ”اللّٰه عَزَّوَجَلَّ جو قسم! آئون توهان تي فقيري جو خوف نٿو ڪريان، پر خوف آهي تہ توهان تي دنيا ڦهلائي ويجي، جيئن توهان کان اڳين تي ڦهلائي وئي هئي، تہ توهان انهيءَ ڏانهن رغبت نہ ڪري ويجو جيئن اُهي ماڻهو رغبت ڪري ويا ۽ توهان کي اهڙي ئي طرح هلاڪ ڪري ڇڏي، جيئن انهن کي هلاڪ ڪري ڇڏيائين.“[2]

## ٻيو علاج دنيا جي دولت کان ڇوٽڪارو:

دنياوي دولت جي محبت اسان کي برباد ڪري ڇڏيو آهي. اسان پنهنجي معاشري کي ڏسون ٿا تہ دولتمندن جي پويان اکيون بند ڪري ڊوڙندو ئي هليو پيو وڃي. ان کي نہ تہ انهيءَ ڳالهہ سان ڪو مطلب آهي تہ هي دولتمند وياج جي عمارت تي بيهي ڪري ايترو بلند نظر اچي رهي آهي ۽ نہ ئي ان کي هن ڳالهہ جي ڪا پرواهہ آهي تہ هن اها دولت ڪيئن ڪمائي؟ بلڪ ان جي تہ خواهش ئي اها آهي تہ هي بہ دولتمند بڻجي وڃي. اڄ توهان کي اهڙا ڪيترا ئي ماڻهون ملندا جو جڏهن انهن کان پڇون تہ انهن دولتمندن جي

---

[1] موسوعة للامام ابن ابي الدنيا، كتاب قصر الامل، الحديث 120، ج3، ص331
[2] صحيح البخاري، كتاب الرقاق، الخ، الحديث: 6425، ج4، ص225 ملتقطًا

پويان چو ڏوڙو ٿا؟ تہ چوندا: ”توهان کي خبر ڪانهي تہ دولت ڪيتري قدر ضروري آهي. دولت سان عزت آهي، دولت سان شهرت آهي، دولت سان سڀ ڪجهہ آهي.“

## حقيقي دولت:

مٺا مٺا ۽ پيارا اسلامي ڀائرو! دنيا جي مال ۽ دولت جي ڪا حيثيت نہ آهي، بلڪ حقيقي دولت تقويٰ، پرهيزگاري، خوفِ خدا عَزَّوَجَلَّ ۽ عشقِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ آهي ۽ **الله** عَزَّوَجَلَّ اها دولت انهيءَ کي عطا فرمائي ٿو جنهن سان راضي هوندو آهي. تنهنڪري دولت ۽ حڪومت جو هجڻ فضيلت جي ڳالهہ نہ آهي، ڇاڪاڻ تہ فِرعون، نمرود ۽ قارون بہ تہ دولت ۽ حڪومت وارا هئا. پر انهن جي دولت ۽ حڪومت انهن کي ابدي لعنت کان محفوظ نہ رکي سگهي، جنهن مان خبر پئي تہ حڪومت ۽ دولت جو هجڻ فضيلت جو باعث ناهي، بلڪ فضيلت جو باعث تہ اهو آهي تہ **الله** عَزَّوَجَلَّ اسان سان راضي ٿي وڃي، تقويٰ ۽ پرهيزگاري ملي وڃي ۽ جيڪڏهن دولت ملي تہ اُها، جنهن جي ملڻ تي رب عَزَّوَجَلَّ راضي هجي، حرام ۽ شبهي (شڪ) کان پاڪ هجي، جيئن دولت تہ حضرت سيدنا عثمان غني ۽ حضرت سيدنا عبدالرحمٰن بن عوف رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُمَا جن وٽ بہ هئي، پر انهن جي دولت حرام ۽ شڪ شبهي جي مال کان پاڪ هئي ۽ انهن کي جيڪا بہ دولت ملندي هئي، انهيءَ کي اسلام جي نالي تي قربان ڪندا رهندا هئا ۽ **الله** عَزَّوَجَلَّ ۽ رسول ڪريم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي رضا حاصل ڪرڻ جي ڪوشش ڪندا هئا. جيئن تہ دولتمند صحابہءِ ڪرام جن پنهنجي دولت سان اهڙا غلام آزاد ڪيا، جو انهن عشقِ رسول صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ

جا لازوال مثال قائم ڪيا. يعني امير المومنين حضرت سيدنا صديقِ اڪبر رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُ جن حضرت سيدنا بلال حبشي رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُ کي آزاد ڪري سرڪارِ مدينہ صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ جن جي بارگاھہ ۾ پيش ڪيو ۽ پوءِ انهن عشقِ مصطفيٰ صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ جو جيڪو مثال قائم ڪيو انهيءَ کي ڪير نٿو ڄاڻي!

## حلال تي حساب ۽ حرام تي عذاب آهي:

مٺا مٺا ۽ پيارا اسلامي ڀائرو! حقيقت ۾ دولت ۽ شهرت جهڙيون سڀ شيون آزمائش آهن. جيتوڻيڪ سچي دولت حلال هجي، پوءِ بہ انهيءَ جو حساب ڏيڻو پوندو. جيئن تہ حضرت ابوسعيد خُدري رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُ فرمائن ٿا تہ هڪ دفعي اسان ضعيف ۽ غريب ماڻهو ويٺا هئاسين تہ سرڪار والاتبار، اسان بيڪسن جي مددگار، شفيعِ روز شمار صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ جن اسان ڏانهن تشريف وٺي آيا ان وقت هڪ شخص قرآن ڪريم جي تلاوت ڪري رهيو هو ۽ اسان جي لاءِ دعا ڪري رهيو هو تہ پاڻ صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ ارشاد فرمايو: سڀ تعريفون **اللّٰہ** عَزَّوَجَلَّ جي لاءِ جنهن منهنجي اُمت ۾ اهڙا نيڪ سيرت ٻانها پيدا ڪيا، جن سان گڏ مون کي رهڻ جو حڪم ڏنو ويو آهي. پوءِ ارشاد فرمايائون: ”فقراء مسلمين کي قيامت جي ڏينهن ڪامل نور جي بشارت هجي تہ هو غني ماڻهن کان اڌ ڏينهن اڳ جنت ۾ داخل ٿيندا، يعني پنج سو سال پهرين داخل ٿيندا. هي فقراء جنت ۾ نعمتن جا مزا ماڻي رهيا هوندا ۽ غني ماڻهن جو حساب ورتو پئي ويندو.“ (1)

مٺا مٺا ۽ پيارا اسلامي ڀائرو! خالص حلال مال جمع ڪرڻ وارا مالدار

---

(1) الدر المنثور، الکهف، تحت الآية: 28، ج5، ص382

يعني اهي ماڻهو جيڪي حلال مال ڪٺي ڪري قيامت جي ڏينهن حاضر ٿيندا. جڏهن اُهي پنهنجي مال جو حساب ڏئي رهيا هوندا ته غريب انهن اُمراء يعني مالدارن کان پنج سو سال پهرين جنت ۾ داخل ٿيندا. غور ڪريو ته جڏهن هي حلال مال ڪٺي ايندڙ پنج سو سالن تائين الله عَزَّوَجَلَّ جي بارگاهه ۾ حساب ڏيندا ته انهيءَ حرام خور يعني وياج خور جو ڇا انجام ٿيندو جيڪو حرام مال ڪٺي ڪري قيامت جي ڏينهن حاضر ٿيندو!

## ٽيون علاج قناعت:

حضرت عبدالله بن عمرو رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْهُمَا فرمائن ٿا ته شَفِيۡعِ الۡمُذۡنِبِيۡن، اَنِيۡسُ الۡغَرِيۡبِيۡن صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن ارشاد فرمايو: ”ڪامياب ٿي ويو جيڪو مسلمان ٿيو ۽ بقدر ڪفايت (ضرورت مطابق) رزق ڏنو ويو ۽ الله عَزَّوَجَلَّ انهيءَ کي ڏنل تي قناعت ڏني.“ [1]

۽ حضرت ابوهريره رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْهُ کان روايت آهي ته تاجدارِ رسالت، شهنشاهِ نبوت، مَخزنِ جُود و سخاوت صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن دعا ڪئي:

اَللّٰهُمَّ اجۡعَلۡ رِزۡقَ اٰلِ مُحَمَّدٍ قُوۡتًا.

ترجمو: ”اي الله عَزَّوَجَلَّ! محمد جي گهر وارن جي روزي بقدر ضرورت (ضرورت جي مطابق) مقرر فرماءِ.“ [2]

مٺا مٺا ۽ پيارا اسلامي ڀائرو! انهن مبارڪ فرمانن ۾ اُمت کي اها ڳالهه سمجهائي پئي وڃي ته ضرورت مطابق مال تي قناعت ڪن، گهڻي مال جي حِرص ۾ ذليل ۽ خوار نه ٿين جو گهڻي مال جو حِرص حلال ۽ حرام جي

(1) صحيح مسلم، ڪتاب الزكاة، باب في الكفاف والقناعة، الحديث 1054، ص524
(2) صحيح مسلم، ڪتاب الزكاة، باب في الكفاف والقناعة، الحديث 1055، ص524

تميز ختم ڪري ڇڏي ٿو ۽ پوءِ ڀانهو وياج، رشوت، ملاوٽ ۽ اهڙا ئي ٻيا ذريعا اختيار ڪري پنهنجي دنيا ۽ آخرت ٻنهي کي داءَ تي لڳائي ڇڏي ٿو.

**مٺا مٺا ۽ پيارا اسلامي ڀائرو!** انهن مبارڪ حديثن ۾ ڪاميابيءَ جا چار مدني گل بيان ڪيا ويا آهن: (1) ايمان (2) تقويٰ (3) ضرورت جي مطابق مال ۽ (4) ٿوري مال تي صبر. جنهن کي اهي نعمتون نصيب ٿي ويون، انهيءَ تي رب ڪريم عَزَّوَجَلَّ جو وڏو فضل ۽ ڪرم ٿي ويو اهو ڪامياب رهيو ۽ دنيا مان ڪامياب ويو.

اي ڪاش! اسان کي قناعت نصيب ٿي وڃي، ڇاڪاڻ ته جيڪو قناعت پسند هجي، اهو سادگي اپنائي ٿو. سادي غذا ۽ لباس کي ڪافي ڄاڻي ٿو انهيءَ کي دولت جي حاجت هوندي آهي نه دولتمند جي ۽ جيڪو قناعت پسند نه هجي، اهو حِرص ۽ لالچ جو شڪار ٿي وڃي ٿو ان جو ڪڏهن پيٽ نٿو ڀرجي، انهيءَ تي هر وقت ڌَن ڪمائڻ جي ڌُن سوار هوندي آهي، ايستائين جو موت اچي ويندو آهي.

## قناعت هيءَ آهي:

حضرت سيدنا ابوهريره رَضِیَ اللّٰهُ تَعَالٰی عَنْهُ جو بيان آهي ته تاجدارِ رسالت، شهنشاهِ نُبُوَّت، مَخزنِ جُود و سخاوت صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن مون کي فرمايو: ”اي ابوهريره! (رَضِیَ اللّٰهُ تَعَالٰی عَنْهُ) جڏهن توکي سخت بک لڳي ته هڪڙي ماني ۽ پاڻيءَ جي هڪ پيالي تي گذارو ڪر ۽ چئو ته آئون دنيا ۽ دنيا وارن کي ڇڏيان ٿو.“ [1]

---

[1] شعب الايمان، باب في الزهد وقصر الامل، الحديث: 10366، ج7، ص295

## قناعت سان عزت آهي:

حضرت مولاءِ ڪائنات علي المرتضيٰ، شيرِ خدا ڪَرَّمَ اللهُ تَعَالٰی وَجْهَهُ الْکَرِیْم فرمائن ٿا تہ: ”جنهن قناعت ڪئي، انهيءَ عزت ماڻي ۽ جنهن لالچ ڪئي، اُهو ذليل ٿيو.“ (1)

## ماڻهن جي مال کان نا اميد ٿي وڃو:

حضرت سيدنا ابو ايوب انصاري رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهُ کان روايت آهي تہ هڪ ڳوٺاڻي سرڪارِ مدينہ صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَیْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي خدمت ۾ حاضر ٿي ڪري عرض ڪيو: ”يا رسول الله صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَیْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم! مون کي هڪ مختصر وصيت فرمايو.“ فرمايائون: ”جڏهن نماز پڙهين تہ زندگي جي آخري نماز (سمجهي ڪري) پڙهہ ۽ هرگز اهڙي ڳالهہ نہ ڪر، جنهن سان سڀاڻي توکي معذرت ڪرڻي پوي ۽ ماڻهن وٽ جيڪي ڪجهہ آهي، انهيءَ کان نااميد ٿي وڃ.“ (2)

## انسان جي پيٽ کي مٽي ئي پري سگهي ٿي:

سرڪارِ مدينہ صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَیْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ارشاد فرمائن ٿا: ”جيڪڏهن انسان جي لاءِ مال جون بہ واديون هجن تہ هو ٽين وادي جي خواهش ڪندو ۽ انسان جي پيٽ کي صرف مٽي ئي پري سگهي ٿي ۽ جيڪو شخص توبهہ ڪري ٿو تہ الله عَزَّوَجَلَّ انهيءَ جي توبهہ قبول فرمائي ٿو.“ (3)

مٺا مٺا ۽ پيارا اسلامي ڀائرو! توهان ڪڏهن بہ ڪنهن مالدار کي اهو

---

(1) النهاية للجزري، باب القاف مع النون، ج4، ص100
(2) المسند للامام احمد بن حنبل، حديث ابي ايوب الانصاري،الحديث: 23557، ج9، ص130
(3) صحيح مسلم، كتاب الزكاة، باب لو ان لابن ادم... الخ، الحديث: 1048، ص521

چونڊي نہ پڏو هوندو تہ: ”گهڻو ئي مال ڪمائي ورتو هاڻي بس.“ بلڪ هو وڌيڪ دولت ڪمائڻ جي ڪوشش ڪندو رهي ٿو ۽ اهڙي ئي طرح ڪو عالِم اهڙو ڪونہ ملندو جيڪو هي چوي تہ: ”گهڻو پڙهي ورتو هاڻي مون کي وڌيڪ پڙهڻ جي ضرورت ڪونهي.“ بلڪ هر عالِم وڌيڪ علم جي طلب ۾ رهي ٿو. جيئن تہ

اسان بيڪسن جي مددگار, شفيعِ روز شمار صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جو ارشاد آهي: ”ٻہ حريص (يعني لالچي) ڪڏهن بہ سير (پيٽ ڀريل) نٿا ٿي سگهن: هڪ مال جو حريص ۽ ٻيو علم جو حريص.“ (1)

ٻئي جي مال جي آسري تي رهڻ تہ هو مون سان تمام گهڻي محبت ڪري ٿو پاڻ ئي مون کي آفر ڪندو رهي ٿو تہ جڏهن بہ ضرورت هجي چئي ڇڏيندو ڪر. انهيءَ لاءِ جڏهن ضرورت پئي تہ اُن کان گهري وٺندس, منع ڪونہ ڪندو وغيره اميدون تمام ئي ڪوڪليون آهن جو ماڻهو جي دل بدلجندي رهي ٿي. ياد رکو! ”ڏيڻ وارو“ انسان ”وٺڻ واري“ کان متاثر نٿو ٿي سگهي, جڏهن تہ جيڪڏهن ڪو ڏيڻ اچي ۽ توهان قبول نہ ڪندا تہ ضرور متاثر ٿيندو. جيئن تہ

حُجَّةُ الاسلام حضرت سيدنا امام غزالي عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللهِ الْوَالِيْ جن احياء علوم الدين ۾ هي عربي بيت نقل ڪيا آهن:

اَلْعَيْشُ سَاعَاتٌ تَمُرُّ
وَخُطُوبُ أَيَّامٍ تَكُرُّ

---

(1) المستدرک للحاکم، کتاب العلم، باب منهومان لا يشبعان، الحديث: 318، ج1، ص282

ترجمو: ”عيش چند گهڙين جو آهي جيڪو گذري ويندو ۽ ڪجهه ڏينهن ۾ حالت بدلجي ويندي.“

اِقْنَعْ بِعَيْشِكَ تَرْضَهُ
وَاتْرُكْ هَوَاكَ تَعِيْشُ حُرٌّ

ترجمو: ”پنهنجي زندگي ۾ قناعت اختيار ڪر، راضي رهندين ۽ پنهنجين خواهشن کي ڇڏي ڏي، آزاديءَ سان زندگي گذاريندين.“

فَلِرُبَّ حَتْفٍ سَاقَهُ
ذَهَبٌ وَّ يَاقُوْتٌ وَّدُرٌّ

ترجمو: ”ڪيترا ئي دفعا موت، سون، ياقوت ۽ موتين جي سبب ڏاڙيلن جي ذريعي اچي ٿي.“[1]

وڏيڪ نقل فرمائن ٿا ته حضرت سيدنا محمد بن واسِع رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْهِ سُڪل ماني پاڻيءَ ۾ پسائي ڪري کائيندا هئا ۽ فرمائيندا هئا: ”جيڪو شخص هِن تي قناعت ڪري ٿو اهو ڪڏهن ڪنهن جو محتاج نٿو رهي.“[2]

سبحٰن الله! الله عَزَّوَجَلَّ جي انهن تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي بخشش ٿئي. حضرت سيدنا سَمِيط بن عجلان رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْهِ فرمائن ٿا: ”اي انسان! تنهنجو پيٽ تمام مختصر يعني فقط هڪ گراٺ چورس آهي. پوءِ اهو توکي دوزخ ۾ ڇو وٺي وڃي؟“ ۽ ڪنهن دانا شخص کان پڇيو ويو: ”توهان جو مال ڇا آهي؟“ انهن جواب ڏنو: ”ظاهر ۾ سٺي حالت ۾ رهڻ، باطن (يعني اندر) ۾ ميانه روي اختيار ڪرڻ جيڪي ڪجهه ماڻهن وٽ آهي، انهيءَ

---

[1] احياء علوم الدين، كتاب ذم البخل وذم حب المال، بيان ذم الحرص والطمع ومدح القناعة واليأس مما في ايدي الناس، ج3، ص295

[2] المرجع السابق

ڪان مايوس ٿيڻ.“ [1]

## قناعت پسند ڪي بادشاهن سان ڪهڙو ڪم؟

حضرت سيدنا قَبِيصَہ بن عُقبہ رَحۡمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيۡهِ سان ملڻ جي لاءِ هڪ ڏينهن ڪوهستاني علائقي جو شهزادو پنهنجن خادمن سان گڏ حاضر ٿيو. پاڻ رَحۡمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيۡهِ جن گهر مان نڪرڻ ۾ ڪافي دير لڳائي. انهيءَ تي هن جي نوڪرن چيو: ”حضور! توهان رَحۡمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيۡهِ جي دروازي تي مَلِڪُ الجِبال (يعني جبلن جي بادشاهہ) جو شهزادو بيٺو آهي ۽ توهان آهيو جو گهر مان نڪرو ئي نٿا.“ اهو ٻڌي ڪري حضرت سيدنا قَبِيصَہ رَحۡمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيۡهِ مانيءَ جا ڪجهه سُڪل ٽڪر ڪٽي ٻاهر تشريف وٺي آيا ۽ ڏيکاريندي ارشاد فرمايائون: ”جيڪو شخص دنيا ۾ ايتري تي قناعت ڪري راضي ٿي چڪو هجي، انهيءَ کي مَلِڪُ الجِبال (جبلن جي بادشاهہ) سان ڪهڙو ڪم؟ اللّٰه عَزَّوَجَلَّ جو قسم! آئون هن سان ڳالهائيندس بہ نہ.“ [2]

**اللّٰه عَزَّوَجَلَّ جي انهن تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي بي حساب بخشش ٿئي.**

مٺا مٺا ۽ پيارا اسلامي ڀائرو! فضول مال جي محبت کان ڇوٽڪارو حاصل ڪرڻ ۽ قناعت جي دولت حاصل ڪرڻ جي لاءِ دعوتِ اسلامي جي مدني ماحول سان وابستہ ٿي وڃو. مدني انعامات تي عمل ۽ مدني قافلن ۾ سفر کي پنهنجي عادت بڻائي ڇڏيو. ٻيو مڪتبة المدينه کان جاري ٿيندڙ امير اهلسنت جي مختلف رسالن جي مطالعي جي عادت بڻائي وٺو. جيئن تہ.

---

(1) احياء علوم الدين، كتاب ذم البخل، بيان ذم الحرص... الخ، ج3، ص295
(2) تذكرة الحفاظ، الرقم 370 قبيصه بن عقبه، الجزء الاول، ص274

## اميرِاهلسنت جي تحرير جواثر:

منڊي ڳڙهه ضلعو رتناگري مهاراشٽر (هند) جي هڪ اسلامي ڀاءُ ٻڌايو تہ سن 2002ع جي ڳالهہ آهي، آئون خراب دوستن جي صحبت جي ڪري غُنڊا گينگ ۾ شامل ٿي ويس. ماڻهن کي مارڪُٽ ڪرڻ ۽ گاريون ڪڍڻ منهنجو معمول هو. ڇاٽي ڪري جهڳڙا ڪري وٺندو هئس. جيڪو نئون فيشن ايندو هو سڀ کان پهرين آئون اپنائيندو هئس، ڏينهن ۾ ڪيترا ئي ڀيرا ڪپڙا بدلائيندو هئس، سواءِ جينز (Jeans) جي ٻي پينٽ ڪونہ پائيندو هئس، آواره دوستن سان گهمي ڦري رات جو دير سان گهر موٽندو ۽ ڏينهن چڙهڻ تائين ستو پيو هوندس. والد صاحب جو انتقال ٿي چڪو هو بيوه ماءُ سمجهائيندي هئي تہ زبان درازي ڪندو هئس.

هڪ دفعو دعوتِ اسلامي جي ڪنهن باعمامہ اسلامي ڀاءُ سان ملاقات ٿي جنهن هڪ رسالو ”جنات جو بادشاهہ“ (جنهن ۾ حضور غوث پاڪ رَضِيَ اللّٰهُ تَعَالٰی عَنْهُ جو تذڪرو آهي) مون کي تحفي ۾ ڏنو پڙهيو تہ سٺو لڳو. رمضان المبارڪ ۾ هڪ ڏينهن ڪنهن مسجد ۾ وڃڻ جي سعادت ملي تہ اتفاق سان هڪ سبز عمامي ۽ سفيد لباس ۾ ملبوس سنجيده نوجوان تي نظر پئي. معلوم ٿيو تہ هي هتي مُعتِڪف آهن. انهن فيضانِ سنّت جو درس ڏنو تہ مان ويهي رهيس. درس کان پوءِ انهن مون تي انفرادي ڪوشش ڪندي دعوتِ اسلامي جي مدني ماحول جون برڪتون ٻڌايون. ان اسلامي ڀاءُ جو لباس ايتري قدر سادو هو جو ڪجهہ هنڌن تي چتيون بہ لڳل هيون. جڏهن اُنهن جي لاءِ گهران ماني آئي تہ اها بہ بلڪل سادي هئي. آئون انهن جي سادگي کان تمام گهڻو متاثر ٿيس. مون کي انهن سان محبت ٿي وئي. آئون انهن سان ملاقات لاءِ اچڻ وڃڻ لڳس.

اتفاق سان عيد الفطر کان پوءِ انهيءَ اسلامي ڀاءُ جو نڪاح هو. هي ويچارا غريب ۽ تنگدست هئا. پر حيرت جي ڳالهه اها آهي تہ انهن انهيءَ ڳالهه جو مون کي ذرو بہ احساس ٿيڻ نہ ڏنو ۽ نہ ئي ڪنهن قسم جي مالي مدد جي لاءِ سوال ڪيو. آئون اجا وڌيڪ متاثر ٿيس. ماشاء الله عَزَّوَجَلَّ دعوتِ اسلامي جو ماحول ڪيترو پيارو آهي، ان سان وابستہ ٿيل ڪيتري قدر سادا ۽ خود دار آهن. الحمدلله عَزَّوَجَلَّ دعوتِ اسلامي جي محبت منهنجي دل ۾ گهر ڪندي وئي، ايستائين جو مون عاشقانِ رسول سان گڏ 8 ڏينهن جي مدني قافلي ۾ سفر ڪيو. منهنجي دل جي دنيا بدلجي وئي. دل ۾ مدني انقلاب اچي ويو ۽ مون گناهن کان سچي توبهه ڪري پنهنجي ذات کي دعوتِ اسلامي جي حوالي ڪري ڇڏيو. الحمدلله عَزَّوَجَلَّ مون تي مدني رنگ چڙهيو جو اڄڪلهه آئون علاقائي مشاورت جي نگران جي حيثيت سان پنهنجي علائقي ۾ دعوتِ اسلامي جي مدني ڪمن جون ڌومون مچائي رهيو آهيان.

سادگی چاہیے، عاجزی چاہیے
آپ کو گر، چلیں قافلے میں چلو
خوب خودداریاں اور خوش اخلاقیاں
آیئے سیکھ لیں قافلے میں چلو
عاشقانِ رسول لائے سنت کے پھول
آؤ لینے چلیں، قافلے میں چلو

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

الله عَزَّوَجَلَّ اسان سڀني کي عافيت ۽ امان عطا فرمائي ڪري وياج جي

آفتن کان محفوظ فرمائي، آمين!

## وياج جو چوٿون علاج موت جو تصور:

مٺا مٺا ۽ پيارا اسلامي ڀائرو! وياج جو اهوئي سڀ کان وڏو علاج آهي تہ هر وقت موت کي ياد رکيو وڃي، پر افسوس جي ڳالهہ اها آهي تہ اسان دنيا جي رنگينين ۾ مشغول ٿي ڪري موت کان بلڪل غافل ٿي چڪا آهيون ۽ حرام روزي ڏانهن وڌندا پيا وڃون. ائين ٿو لڳي جڻ هر شخص اهو سوچي جيءَ رهيو آهي تہ مون کي مرڻو ئي نہ آهي.

مٺا مٺا ۽ پيارا اسلامي ڀائرو! اها اوهان جي ڀُل آهي. ياد رکو! جيڪو دنيا ۾ پيدا ٿيو آهي، انهيءَ کي ضرور مرڻو آهي.

ایک دن مرنا ہے آخر موت ہے
کر لے جو کرنا ہے آخر موت ہے
یاد رکھ ہر آن آخر موت ہے
بن تو مت انجان آخر موت ہے
مرتے جاتے ہیں ہزاروں آدمی
عاقل و نادان آخر موت ہے
کیا خوشی ہو دل کو چندِ زیست سے
غمزدہ ہے جان آخر موت ہے
ملکِ فانی میں فنا ہر شے کو ہے
سن لگا کر کان آخر موت ہے
بارہا علمی تجھے سمجھا چکے
مان یا مت مان آخر موت ہے

مٺا مٺا ۽ پيارا اسلامي ڀائرو! دنيا جي فريب کي سمجهڻ، موت کي ياد ڪرڻ ۽ مال جي محبت کي دل مان ڪيڏڻ جي ڪوشش ڪريو.

## موت کان غفلت جو سبب:

دنيا ۽ انهيءَ جي مال جي، وڏن وڏن بنگلن ۽ فيڪٽرين جي، بلند ۽ عاليشان محلن جي تعميرات جي، ۽ مال ۽ دولت جي ڪثرت جي محبت اسان کي وياج ۾ مبتلا ڪري ڇڏيو آهي. ياد رکو! جڏهن موت ايندو اسان جو قصو پورو ڪري ڇڏيندو. هي سڀ محل، هيءَ سڄي دولت، هي فيڪٽريون ۽ هي گاڏيون سڀ اتي ئي رهجي وينديون. اسان جو پروردگار عَزَّوَجَلَّ اسان کي خبردار ڪري رهيو آهي. 22 سيپارو سورة فاطر جي آيت 5 ۾ ارشاد ٿئي ٿو:

يٰۤاَيُّهَا النَّاسُ اِنَّ وَعْدَ اللّٰهِ حَقٌّ فَلَا تَغُرَّنَّكُمُ الْحَیٰوةُ الدُّنْیَا ۥ وَلَا یَغُرَّنَّكُمْ بِاللّٰهِ الْغَرُوْرُ ﴿۵﴾

(پ22 ، الفاطر :5)

**ترجمو ڪنزالايمان:** اي انسانو بيشڪ الله جو واعدو سچو آهي پوءِ توهان کي هرگز ڌوڪو نہ ڏئي دنيا جي زندگي ۽ هر گز توهان کي الله جي حڪم تي ڌوڪو نہ ڏئي اهو وڏو ڌوڪي باز.

۽ سورة تڪاثر ۾ آهي:

اَلْهٰكُمُ التَّكَاثُرُ ﴿۱﴾

(پ30، التكاثر:1)

**ترجمو ڪنزالايمان:** توهان کي غافل ڪيو زياده مال طلبي.

صدر الافاضل، حضرت علامہ مولانا سيد محمد نعيم الدين مراد آبادي عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللهِ الْهَادِىْ ”خزائن العِرفان“ ۾ انهيءَ آيت مبارڪ جي تفسير ۾ فرمائن ٿا تہ: هن مان معلوم ٿيو تہ گهڻي مال جو حِرص (يعني لالچ) ۽ انهيءَ تي فخر

ڪرڻ مذموم (يعني بُرو) آهي ۽ ان ۾ ڦاسي ڪري ماڻهو اُخروي سعادتن کان محروم رهجي ويجي ٿو.

## بانس جي جهونپڙي:

يقينًا جيڪو موت ۽ انهيءَ کان بعد وارن معاملن کان آگاهه آهي، اهو دنيا جي رنگينين ۽ انهيءَ جي آسائشن يعني وياج ۽ رشوت جي ڏوڪي ۾ نٿو ڦاسي سگهي. جيئن ته،

منقول آهي ته حضرت سيدنا نوح عَلٰی نَبِيِّنَا وَعَلَيْهِ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ جن هڪ سادي بانس جي جهونپڙي ۾ رهائش اختيار فرمائي. عرض ڪيو ويو: ”بهتر هو ته توهان هڪ بهترين (عاليشان) گهر تعمير فرمائي وٺو ها.“ فرمايائون: ”جيڪو مري ويندو (يعني جنهن کي موت جو يقين آهي) انهيءَ جي لاءِ هي به ڪافي آهي.“[1]

## موت کان غفلت:

افسوس ته اسان موت جي طرف توجه نه هئڻ جي ڪري دنيا ۾ سٺن سٺن گهرن جي تعميرات ۾ مشغول آهيون. اسان پنهنجن گهرن کي انگلش ٽائيلڊ باٿ روم، امريڪن ڪچن (American Kitchen)، ماربل فلورنگ (Marble Flooring)، وارڊ روب (Wardrobe)، فُل وُڊورڪ (Wood Work)، ايڪسٽرا ورڪ (Extra Work) سان خوب سجايون ٿا.

هڪ عربي شاعر ڪيتري قدر درد ڀرئي انداز ۾ اسان کي سمجهائڻ جي ڪوشش ڪئي آهي، ملاحظه فرمايو:

---

[1] العقد الفريد، باب قولهم في الموت، ج3، ص146

زَيَّنْتَ بَيْتَكَ جَاهِلاً وَّعَمَرْتَهٗ
وَلَعَلَّ غَيْرُكَ صَاحِبَ الْبَيْتِ

يعني: (دنيا جي حقيقت ۽ آخرت جي معرفت کان) جهالت جي بنياد تي تون پنهنجي گهر کي زينت ڏيڻ ۽ فقط انهيءَ کي آباد ڪرڻ ۾ لڳل آهين ۽ شايد (تنهنجي مرڻ کان پوءِ) انهيءَ گهر جو مالڪ تنهنجو غير هوندو.

مَنْ كَانَتِ الْاَيَّامُ سَائِرَةً بِهٖ
فَكَاَنَّهٗ قَدْ حَلَّ بِالْمَوْتِ

يعني: جنهن کي ڏينهن (جي گاڏي قبر جي طرف) ڇڪيندي پئي وڃي، اُهو ڄڻ موت سان مليل ڇڪو يعني تمام جلد مري ويندو.

وَالْمَرْءُ مُرْتَهِنٌ بِسَوْفَ وَلَيْتَ
وَهَلَاكُهٗ فِي السَّوْفِ وَاللَّيْتِ

ترجمو: ۽ ماڻهو (دنياوي مقصدن جي حاصل ڪرڻ ۾) اميدن ۽ خواهشن جي رسي ۾ گرفتار آهي، جڏهن تہ انهن ڪوڙين اميدن ۾ انهيءَ جي هلاڪت لڪيل آهي.

فَلِلّٰهِ دُرُّ فَتًى تَدَبَّرَ اَمْرَهٗ
فَغَدَا وَرَاحَ مُبَادِرَ الْمَوْتِ

ترجمو: انهيءَ نوجوان جو اجر **الله** عَزَّوَجَلَّ (جي ڪرم جي ذمي) تي آهي، جنهن پنهنجي (قبر ۽ آخرت جي) معاملي جي سوچ ويچار ڪيو ۽ صبح ۽ شام موت جي تياري ڪرڻ ۾ جلدي ڪئي.[1]

[1] العقد الفريد، باب قولهم في الموت، ج3، ص146

**مٺا مٺا ۽ پيارا اسلامي ڀائرو!** اي ڪاش! اسان جي نظرن جي سامهون موت جو تصور ٿي وڃي ۽ هن دنيا جي عارضي زندگيءَ ۾ اسان کي مدني سوچ نصيب ٿي وڃي. اي ڪاش! مال جمع ڪرڻ جو حِرص اسان سيني جي دلين مان نڪري وڃي, انهيءَ مال ۽ دنيا جي محبت اسان کي تباهه ۽ برباد ڪري ڇڏيو آهي ۽ اسان جو معاشرو انهيءَ مال جي محبت ۾ وياج جهڙي لعنت ۾ ڦاسي ويو آهي.

توهان وياج جون تباهيون ته ڄاڻي ورتيون, اي ڪاش! جيڪڏهن اسان جي دلين مان مال, بهترين تعميرات, شهرت ۽ عزت جي طلب ۽ محبت نڪري وڃي ۽ مال جي اها صورت ۽ وسيلو جيڪو بزرگن کي حاصل هو, اسان کي نصيب ٿي وڃي. جيئن ته,

دعوتِ اسلامي جي اشاعتي اداري مڪتبة المدينه جي شايع ٿيل 1432 صفحن تي مشتمل ڪتاب "فيضانِ سنت" جلد اول صفحي 356 تي شيخ طريقت, اميرِ اهلسنت, بانيءِ دعوتِ اسلامي حضرت علامه مولانا ابو بلال محمد الياس عطار قادري دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَهْ **حُجَّةُ الاسلام** حضرت سيدنا امام محمد غزالي عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللهِ الْوَالِيْ جي حوالي سان نقل ڪن ٿا: (1) حضرت سيدنا حسن بصري عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللهِ الْقَوِى فرمائن ٿا: "خدا عَزَّوَجَلَّ جو قسم! جيڪو دِرهم (يعني دولت) جي عزت ڪري ٿو الله **ربُّ العِزت** انهيءَ کي ذلت ڏئي ٿو. (2) منقول آهي ته سڀ کان پهرين دِرهم ۽ دينار ٺهيا ته شيطان انهن کي کڻي ڪري پنهنجي پيشاني تي رکيو پوءِ انهن کي چميو ۽ چيائين: "جنهن انهن سان محبت ڪئي, اهو منهنجو غلام آهي." (العياذ بالله!) (3) حضرت سيدنا سَمِيط بن عجلان عَلَيْهِ رَحْمَةُ الْمَنَّان جن فرمايو: "دِرهم ۽ دينار (مال ۽ دولت) منافِقن

جون لغامون آهن، اُهي انهن جي ذريعي دوزخ ڏانهن ڇڪيا ويندا.“

## غفلت جو انجام:

مٺا مٺا ۽ پيارا اسلامي ڀائرو! الله تبارڪ و تعاليٰ توهان کي ۽ مون گنهگار کي مال ۽ دولت جي محبت کان محفوظ فرمائي. اڄ اسان ديوانہ وار مال ۽ دولت جي هوس ۾ انڌا ٿي ويا آهيون. پنهنجي زال ۽ ٻارن جو پيٽ پالڻ لاءِ طرح طرح جا حيلا بهانا ناهيون ٿا تہ آئون زال ۽ ٻارن جو پيٽ پالي رهيو آهيان، انهن جي لاءِ ڪمائي رهيو آهيان، ڇا ڪريان حرام روزي ڪمائڻ کان سواءِ ڪو چارو ئي نہ آهي. منهنجا نادان اسلامي ڀاءُ! توکي ڇا ٿي ويو؟ زال ۽ ٻچن جو پيٽ پالڻ ۽ انهن کي عيش ۽ عشرت جي زندگي ڏيڻ جي لاءِ حرام روزي ڪمائڻ ۾ مصروف ٿي وئين ۽ انهن جي دينِ اسلام جي سنهري اصولن مطابق تربيت ڪرڻ ۽ انهن کي حلال گرهہ کارائڻ کان غافل ٿي وئين! توکي ڪهڙي خبر تہ قيامت جي ڏينهن پنهنجي زال ۽ ٻچن کي دين جو علم نہ سيکارڻ ۽ حرام روزي کارائڻ جو ڪهڙو وبال سامهون ايندو! جيئن تہ

دعوتِ اسلامي جي اشاعتي اداري مڪتبة المدينه جي شايع ٿيل 146 صفحن تي مشتمل ڪتاب ”قُرَّةُ العُيُون“ صفحو 93 تي آهي: مرد سان تعلق رکندڙن ۾ پهرين ان جي زال ۽ اولاد آهي. اهي سڀ (يعني زال ۽ ٻار قيامت ۾) الله عَزَّوَجَلَّ جي سامهون بيهي ڪري عرض ڪندا: ”اي اسان جا رب عَزَّوَجَلَّ! اسان کي هن شخص کان اسان جو حق وٺي ڏي، ڇاڪاڻ تہ هن ڪڏهن اسان کي ديني معاملن جي تعليم نہ ڏني ۽ هي اسان کي حرام کارائيندو هو جنهن جي اسان کي خبر نہ هئي (يعني علم نہ هو).“ پوءِ انهيءَ شخص کي حرام ڪمائڻ تي ايتري قدر ماريو ويندو جو هن جو گوشت ڇڻي ويندو. پوءِ ان کي ميزان وٽ

آندو ويندو. فِرشتا جبل جي برابر ان جون نيڪيون آڻيندا ته انهيءَ جي خاندان مان هڪ شخص اڳيان وڌي ڪري چوندو: ”منهنجون نيڪيون گهٽ آهن.“ ته هو ان جي نيڪين مان ڪٽي وٺندو. پوءِ ٻيو اچي ڪري چوندو: ”تو مون کي وياج کارايو هو.“ ۽ ان جي نيڪين مان ڪٽي وٺندو. اهڙي طرح ان جا گهر وارا انهيءَ جون سڀ نيڪيون ڪٽي ويندا ۽ هو پنهنجن گهروارن ڏانهن حسرت ۽ مايوسيءَ سان ڏسي ڪري چوندو: ”هاڻي منهنجي ڳچي تي اُهي گناهه ۽ ظلم رهجي ويا، جيڪي مون توهان جي لاءِ ڪيا هئا.“ (ان وقت) ملائڪ چوندا: ”هي اُهو (بدنصيب) شخص آهي، جنهن جون نيڪيون هن جا گهر وارا ڪٽي ويا ۽ هي انهن جي ڪري دوزخ ۾ هليو ويو.“ [1]

## مٺا مٺا ۽ پيارا اسلامي ڀائرو!

- ❖ ڇا اڄا به حرام روزي کان پاسو نه ڪندا؟
- ❖ ڇا اڄا به وياج ۽ رشوت جي ڏي وٺ کان پاسو نه ڪندا؟
- ❖ ڇا اڄا به خيانت کان باز نه ايندا؟
- ❖ ڇا اڄا به پنهنجي اِجاري ۾ خيانت ڪندا رهندا؟
- ❖ ڇا اڄا به انهيءَ نيت سان سرڪاري نوڪري اختيار ڪندا ته اُتي ته ڪهڙي دير آهي، خوب موڪلون به ڪنداسين ۽ پگهار به پوري وٺنداسين ۽ پوءِ انهيءَ حرام مال سان زال ۽ ٻارن جو پيٽ پاليندا؟
- ❖ ڇان اڄا به تجارت جو عِلم نه سکندا؟

ياد رکو ته تاجر تي لازم آهي ته هو تجارت جا مسئلا سکي ته جيئن ڄاڻي سگهي ته ڪهڙي طرح روزي حلال ٿيندي ۽ ڪهڙي طرح حرام؟ جيئن ته.

[1] قرة العيون، ص93

دعوتِ اسلامي جي اشاعتي اداري مكتبة المدينه جي شايع ٿيل 312 صفحن تي مشتمل ڪتاب "بهارِ شريعت" جي حصي 16، صفحي 121 تي صدر الشريعه، بدر الطريقه، حضرت علامہ مولانا مفتي محمد امجد علي اعظمي عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللهِ الْقَوِی جن فرمائن ٿا: "جيستائين خريد ۽ فروخت جا مسئلا معلوم نہ هجن تہ ڪهڙي خريد و فروخت جائز آهي ۽ ڪهڙي ناجائز آهي، انهيءَ وقت تائين تجارت نہ ڪري."

۽ حضرت سيدنا امير المومنين فاروقِ اعظم رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهُ فرمائيندا هئا تہ: "اسان جي بازار ۾ اهو ئي شخص اچي، جيڪو دين ۾ فَقِيه يعني عالم هجي ۽ وياج خور نہ هجي." (1)

آهہ صد افسوس! اڄڪلهہ معاملو انهيءَ جي برعڪس آهي. اڄڪلهہ ماڻهو زباني قول سان نہ سهي پر زبانِ حال سان مَعَاذَ اللهِ ضرور چون ٿا تہ اسان جي بازار ۾ صرف اهو ئي شخص اچي، جيڪو سيني کان وڌو ڏوکي باز هجي. اَلْعَيَاذُ بِاللهِ! شريف ماڻهو جي تہ جڻ بازار ۾ داخلا ئي منع آهي. اڄڪلهہ جهڙي طرح حرام روزي ۽ وياج جو ناجائز ڪم ڪيو وڃي ٿو اهو ڪنهن تي لڪيل ناهي. يقينًا انهيءَ جي سڀ کان وڏو سبب دين جي علم ۽ سنتن ڀريي ماحول کان دوري آهي. واپارين ۽ خريدارن سيني جي لاءِ لازمي آهي تہ جلد کان جلد خريد ۽ فروخت جا مسئلا سکي وٺن، نہ تہ **مٺا مٺا ۽ پيارا اسلامي ڀائرو!** ياد رکو تہ آخرت ۾ هڪ هڪ ذري جو حساب ٿيندو ۽ الله عَزَّوَجَلَّ جي پڪڙ تمام سخت آهي.

---

(1) الجامع الاحكام القرآن للقرطبي، البقرة، تحت الآية: 279، ج2، الجزء الثالث، ص267

## پنجون علاج وياج کان بچڻ جو حيلو:

مٺا مٺا ۽ پيارا اسلامي ڀائرو! جيترو ممڪن ٿي سگهي وياج جي ڪاروبار کان پنهنجو پاڻ کي محفوظ رکڻ جي ڪوشش ڪريو. انهيءَ لاءِ جيڪڏهن اسان علم ۽ علماءِ ڪرام سان پنهنجو تعلق مضبوط رکيو هجي ها تہ هو يقينًا اسان کي وياج جي نحوست کان بچائڻ جو ڪو حل تجويز فرمائن ها. جيئن تہ.

دعوتِ اسلامي جي اشاعتي اداري مڪتبة المدينه جي شايع ٿيل 108 صفحن تي مشتمل ڪتاب ”چندي جي باري ۾ سوال جواب“ صفحو 65 کان 67 تي شيخ طريقت، امير اهلسنت، بانيءِ دعوتِ اسلامي حضرت علامہ مولانا ابو بلال محمد الياس عطار قادري دَامَتْ بَرَکَاتُهُمُ الْعَالِيَهْ حيلي جي شرعي دليلن جي باري ۾ پڇيل هڪ سوال جو جواب ڏيندي ارشاد فرمائن ٿا: شرعي حيلي جو جواز قرآن ۽ حديث ۽ فقه حنفي جي معتبر ڪتابن ۾ موجود آهي. جهڙي طرح، حضرت سيدنا ايوب عَلٰی نَبِیِّنَا وَعَلَيْهِ الصَّلٰوۃُ وَالسَّلَامُ جي بيماري جي زماني ۾ پاڻ عَلٰی نَبِیِّنَا وَعَلَيْهِ الصَّلٰوۃُ وَالسَّلَامُ جي گهرواريءَ (رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهَا) هڪ دفعي خدمتِ سراپا عظمت ۾ دير سان حاضر ٿيون تہ پاڻ عَلٰی نَبِیِّنَا وَعَلَيْهِ الصَّلٰوۃُ وَالسَّلَامُ جن قسم کنيو تہ: ”آئون تندرست ٿي ڪري 100 ڪوڙا هڻندس.“ تندرست ٿيڻ تي الله عَزَّوَجَلَّ انهن کي 100 تيلين (يعني ڪانن) جو ٻهارو هڻڻ جو حڪم ارشاد فرمايو.[1]

الله تبارڪ و تعاليٰ 23 سيپاري سورة ص جي آيت نمبر 44 ۾ ارشاد فرمائي ٿو:

---

[1] نور العرفان، ص728، ملخصًا

وَ خُذْ بِيَدِكَ ضِغْثًا فَاضْرِبْ بِّهٖ وَلَاتَحْنَثْ ؕ (پ23، ص 44)

**ترجموڪنزالايمان:** (۽ اسان فرمايو) تون پنهنجي هٿ ۾ هڪ ٻوهارو ڪٽي ان سان مار ڏئي ۽ قسم نہ ٽوڙ.

”عالمگيري“ ۾ حيلن جو هڪ مستقل باب آهي، جنهن جو نالو ”ڪتاب الحِيَل“ آهي، ”عالمگيري ڪتاب الحِيَل“ ۾ آهي: جيڪو حيلو ڪنهن جو حق مارڻ (ڪاٽڻ) يا انهيءَ ۾ شڪ پيدا ڪرڻ يا باطل سان ڏوڪو ڏيڻ جي لاءِ ڪيو وڃي، اهو مڪروهہ آهي ۽ جيڪو حيلو انهيءَ لاءِ ڪيو وڃي تہ ماڻهو حرام کان بچي وڃي يا حلال کي حاصل ڪري وٺي، اهو سٺو آهي. اهڙي قسم جي حيلن جي جائز هجڻ جو دليل الله عَزَّوَجَلَّ جو هي فرمان آهي:

وَ خُذْ بِيَدِكَ ضِغْثًا فَاضْرِبْ بِّهٖ وَلَاتَحْنَثْ ؕ (پ23، ص 44)

**ترجمو ڪنز الايمان:** (۽ اسان فرمايو) تون پنهنجي هٿ ۾ هڪ ٻوهارو ڪٽي ان سان مار ڏئي ۽ قسم نہ ٽوڙ.[1]

## ڪَن ٽوپائڻ جو رواج ڪڏهن کان ٿيو؟

حيلي جي جواز تي هڪ ٻيو دليل ملاحظہ فرمايو. جيئن تہ، حضرت سيدنا عبدالله ابن عباس رَضِيَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهُمَا کان روايت آهي تہ هڪ دفعي حضرت سيدتنا ساره ۽ حضرت سيدتنا هاجِره رَضِيَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهُمَا ۾ ڪجهہ اٽبٽ تي پئي. حضرت سيدتنا ساره رَضِيَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهَا جن قسم ڪنيو تہ (مون) جيڪڏهن قابو پاتو تہ هاجره رَضِيَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهَا جو ڪو عضوو ڪٽيندس.

الله عَزَّوَجَلَّ حضرت سيدنا جبرائيل عَلَيْهِ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ کي حضرت سيدنا ابراهيم خليل الله عَلٰی نَبِيِّنَا وَعَلَيْهِ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ جي خدمت ۾ موڪليو تہ انهن ۾ صلح ڪرائي ڇڏيو. حضرت سيدنا ساره رَضِيَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهَا جن عرض ڪيو:

---

[1] فتاويٰ عالمگيري، ج6، ص390

”مَا حِيلَةُ يَمِيۡنِیۡ؟“ يعني منهنجي قسم جو حيلو ڇا ٿيندو؟ تہ حضرت سيدنا ابراهيم خليل الله عَلٰى نَبِيِّنَا وَعَلَيۡهِ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ تي وحي نازل ٿي تہ (حضرت) ساره (رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنۡهَا) کي حڪم ڏيو تہ هوءَ (حضرت) هاجره (رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنۡهَا) جا ڪَنَ ٽوپي ڇڏين. انهيءَ وقت کان عورتن جا ڪن ٽوپڻ جو رواج پيو.[1]

## وياج کان بچڻ جون صورتون

دعوتِ اسلامي جي اشاعتي اداري مڪتبة المدينه جي شايع ٿيل 1182 صفحن تي مشتمل ڪتاب ”بهارِ شريعت“ جلد پيو صفحي 776 کان 779 تي صدر الشريعه، بدر الطريقه، حضرت علامہ مولانا مفتي محمد امجد علي اعظمي عَلَيۡهِ رَحۡمَةُ اللهِ الۡقَوِی فرمائن ٿا تہ شريعتِ مُطهره جهڙي طرح وياج وٺڻ حرام فرمايو آهي ائين وياج ڏيڻ بہ حرام ڪيو آهي. حديثن ۾ ٻنهي تي لعنت فرمائي وئي آهي ۽ فرمايو تہ ٻئي برابر آهن. اڄڪلهہ وياج جي ايتري ڪثرت آهي جو قرضِ حسنہ جيڪو بغير وياج جي هوندو آهي، تمام گهٽ ڏنو وڃي ٿو. دولت وارا ڪنهن کي بغير نفعي جي روپيو نٿا ڏيڻ چاهين ۽ ضرورتمند پنهنجي ضرورت جي ڪري انهيءَ ڳالهہ جو لحاظ نٿا ڪن تہ وياج جو روپيو وٺڻ ۾ آخرت جو ڪيڏو عظيم وبال (يعني وڏو عذاب) آهي؟ انهيءَ عذاب کان بچڻ جي ڪوشش ڪئي وڃي. ڇوڪرِي ڇوڪرَي جي شادي، ڦُهر ۽ ٻيون تقريبون (دعوتون)، شادي ۽ غمي ۾ پنهنجي حيثيت کان وڌيڪ خرچ ڪرڻ چاهين ٿا. برادري ۽ خاندان جي رسمن ۾ ايترا قائل آهن جو ڪيترو بہ چئو هڪ نٿا ٻڌن. رسمن ۾ گهٽتائي ڪرڻ کي پنهنجي ذلت سمجهن ٿا. اسان پنهنجن مسلمان

---

(1) غمز عيون البصائر شرح الاشباه والنظائر، ج3، ص205

ڀائرن کي ڀُهريان تہ اها ئي نصيحت ڪريون ٿا تہ انهن رسمن جي جنجال (يعني آفت) مان نڪرو، چادر کان وڌيڪ پير نہ ڦهلايو ۽ دنيا ۽ آخرت جي تباهہ ڪندڙ نتيجن کان ڊڄو. ٿوري دير جي خوشي يا اَبناءِ جنس ۾ نالي آوري (يعني قبيلي جي ماڻهن ۾ شهرت) جو خيال ڪري آئنده زندگي کي تلخ (ترش، مشڪل) نہ ڪريو. جيڪڏهن هي ماڻهو پنهنجي ضد کان باز نہ ٿا اچن، قرض جو ڳرو بار پنهنجي مٿي تي رکڻ چاهين ٿا، بچڻ جي ڪوشش نٿا ڪن جيئن تجربو انهن تي شاهد آهي تہ هاڻي اسان جي ٻي نصيحت انهن مسلمانن کي اها آهي تہ وياج جي قرض جي ويجهو نہ وڃن.

انهيءَ لاءِ جو نص قطعي سان ثابت آهي تہ انهيءَ ۾ برڪت ناهي ۽ مشاهدا ۽ تجربا بہ اهي ئي آهن تہ وڏيون وڏيون جائيدادون وياج ۾ تباهہ ٿي چڪيون آهن. اهو سوال ان وقت پيش نظر آهي تہ جڏهن وياج جو قرض نہ ورتو وڃي تہ بغير وياج جي قرض ڪير ڏيندو؟ پوءِ انهن مشڪلاتن کي ڪيئن حل ڪيو وڃي؟ انهيءَ جي لاءِ اسان جي علماءِ ڪرام ڪجهہ صورتون اهڙيون تحرير فرمايون آهن جو انهن طريقن تي عمل ڪيو وڃي تہ وياج جي نجاست ۽ نحوست (ناپاڪي ۽ بري اثر) کان پناهہ ملي ٿي ۽ قرض ڏيڻ وارو جنهن ناجائز نفعي جو خواهشمند هو انهيءَ جي لاءِ جائز طريقي تي نفعو حاصل ٿي سگهي ٿو. صرف ڏي وٺ جي معاملن ۾ ڪجهہ تبديلي ڪرڻي پوندي، پر ناجائز ۽ حرام کان بچي ويندو.

شايد ڪنهن کي اهو خيال ٿئي تہ جڏهن دل ۾ هي آهي تہ سؤ (100) ڏئي ڪري هڪ سؤ ڏهہ (110) ورتا وڃن، پوءِ وياج کان ڪيئن بچياسين؟ اسان انهيءَ جي لاءِ اهو واضح ڪرڻ چاهيون ٿا تہ شريعت مطهره جنهن عقد

کي جائز ٻڌايو اهو صرف گمان ۽ خيال سان ناجائز ۽ حرام نٿو ٿي سگهي.
ڏسو جيڪڏهن (چاندي جي) روپئي مان چاندي خريد ڪئي ۽ هڪ روپئي جي تقريبًا هڪ ڪان وڌيڪ ورتي، اهو يقينًا وياج ۽ حرام آهي. حديث ۾ صاف تصريح آهي: ”اَلْفِضَّةُ بِالْفِضَّةِ مَثَلًا بِمَثَلٍ يَدًا بِيَدٍ وَالْفَضلُ رِبًا“ ۽ جيڪڏهن مثلاً هڪ گني (سون جو هڪ انگريزي سِڪو) جيڪا پندرهن روپين جي هجي، انهيءَ مان تقريبًا پنجويهه روپيا يا اچا وڌيڪ جي چاندي خريد ڪئي يا سورهن آنا پئسن جي ٻه روپيه تقريبًا خريد ڪئي، جيتوڻيڪ انهيءَ جو مقصد ٻه اهو ئي آهي ته چاندي وڌيڪ ورتي وڃي، پر وياج ناهي ۽ اها صورت يقينًا حلال آهي. صحيح حديث ۾ فرمايو ويو: ”اِذَا اخْتَلَفَ النَّوْعَانِ فَبِيْعُوْا كَيْفَ شِئْتُمْ“. خبر پئي ته جائز هجڻ ۽ ناجائز هجڻ قول جي نوعيت (يعني قسم) تي آهي. قول بدلجي ويندو ته حڪم بدلجي ويندو. ان مسئلي کي واضح ڪرڻ جي لاءِ اسان ٻه (2) حديثون ذڪر ڪريون ٿا.

صحيحين ۾ ابوسعيد خُدري ۽ ابوهريره رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْهُمَا کان مروي آهي. فرمائن ٿا ته رسول الله صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ جن هڪ شخص کي خيبر جو حاڪم بڻائي موڪليو هو. هو اتان کان حضور (صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ) جي خدمت ۾ بهترين کجيون وٺي آيو. ارشاد فرمايائون: ”ڇا خيبر جون سڀ کجيون اهڙيون ئي ٿين ٿيون؟“ عرض ڪيائين: ”نه يا رسول الله (صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ)! اسان ٻن صاعن جي بدلي انهن کجورن جو هڪ صاع وٺندا آهيون ۽ ٽن صاعن جي بدلي ۾ ٻه صاع وٺندا آهيون.“ فرمايائون: ”ائين نه ڪريو. معمولي کجين کي روپئي ۾ وڪڻيو پوءِ روپئي مان انهيءَ قسم جون

کجيون خريد ڪيو“ ۽ تور جي شين ۾ بہ ائين ئي فرمايائون.[1]

صحيحين ۾ ابوسعيد خُدري رَضِيَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهُ کان مروي، بلال رَضِيَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهُ، نبيءِ ڪريم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي خدمت ۾ برني کجيون آنديون. ارشاد فرمايائون: ”ڪٿان آنديون؟“ عرض ڪيائين: اسان وٽ خراب کجيون هيون. انهن جي ٻن صاعن ڪي، انهن جي هڪ صاع جي عيوض وڪڻي ڇڏيو. ارشاد فرمايائون: ”افسوس، اهو تہ بلڪل وياج آهي، اهو تہ بلڪل وياج آهي، ائين نہ ڪيو. ها جيڪڏهن انهن جي خريد ڪرڻ جو ارادو هجي تہ پنهنجيون کجيون وڪڻي پوءِ انهن کي خريد ڪريو.“[2]

انهن ٻنهي حديثن مان واضح ٿيو تہ ڳالهہ اها ئي آهي تہ بهترين کجيون خريد ڪرڻ چاهيون ٿا، پر پنهنجيون کجيون وڌيڪ ڏئي ڪري وٺون ٿا تہ وياج ٿئي ٿو ۽ پنهنجيون کجيون روپئي ۾ وڪڻي ڪري سٺيون کجيون خريد ڪيون تہ اهو جائز آهي. انهيءَ سبب جي ڪري امام قاضي خان پنهنجي فتاويٰ ۾ وياج کان بچڻ جون صورتون لکندي اهو تحرير فرمائن ٿا:

ومثل هٰذا روی عن رَسُوْلِ اللهِ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ انه امر بذٰلك.[3]

انهيءَ مضمون جي مختصر آغاز کان پوءِ صدر الشريعه وياج کان بچڻ جي باري ۾ علماء کان مروي چار صورتون بيان ڪندي فرمائن ٿا:

(1)... هڪ شخص جا ٻئي تي ڏهہ روپيا هئا. انهيءَ مديون (قرضدار) کان ڪا شيءِ انهن ڏهن روپين ۾ خريد ڪري ورتي ۽ مَبِيع (خريد ڪيل شيءِ) تي قبضو بہ ڪري ورتو. پوءِ انهيءَ ئي شيءِ کي قرضدار جي هٿان ٻارهن ۾ ثمن (يعني

---

[1] صحيح البخاري، كتاب البيوع، باب اذا اراد بيع تمر الخ، الحديث: 2301، 2302، ج2، ص44-79
[2] صحيح البخاري، كتاب الوكالة، باب اذا باع الوكيل... الخ، الحديث: 2312، ج2، ص83
[3] الفتاوىٰ الخانيه، كتاب البيع، فصل فيما يكون فرارًا عن الربا، ج1، ص408

قيمت) وصول ڪرڻ جي هڪ ميعاد (وقت، عرصو) مقرر ڪري وڪڻي ڇڏي. هاڻي انهيءَ جا هُن تي ڏهن جي جڳهه ٻارهن تي ويا ۽ انهيءَ کي ٻن روپين جو نفعو ٿيو ۽ وياج نہ ٿيو.[1] (خانيه)

(2)... هڪ ڄڻي ٻئي کان قرض گهريو. هو نٿو ڏئي. پنهنجي ڪا شيءِ مُقرِض (قرض ڏيڻ واري) جي هٿ سو روپين ۾ وڪڻي ڇڏيائين. هن سو روپيہ ڏئي ڇڏيا ۽ شيءِ تي قبضو ڪري ورتو. پوءِ مُستَقرِض (قرض وٺڻ واري) اها ئي شيءِ مُقرِض (قرض ڏيڻ واري) کان سال کن جي واعدي تي هڪ سو ڏهن روپين ۾ خريد ڪري ورتي. اها بيع (خريد وفروخت) جائز آهي. مُقرِض (قرض ڏيڻ واري) سو روپيا ڏنا ۽ هڪ سو ڏهہ روپيا مُستَقرِض (قرض وٺڻ واري) جي ذمي لازم ٿي ويا ۽ جيڪڏهن مُستَقرِض (قرض وٺڻ واري) وٽ ڪا شيءِ نہ هجي، جنهن کي انهيءَ طرح فروخت ڪري تہ مُقرِض (قرض ڏيڻ وارو) مُستَقرِض (قرض وٺڻ واري) جي هٿ پنهنجي ڪا شيءِ هڪ سؤ ڏهہ ۾ فروخت ڪري ۽ قبضو ڏئي ڇڏي. پوءِ مُستَقرِض (قرض وٺڻ وارو) انهيءَ جي غير جي هٿ تي سو روپين ۾ وڪڻي ۽ قبضو ڏئي ڇڏي، پوءِ انهيءَ اجنبي شخص کان مُقرِض سو روپين ۾ خريد ڪري وٺي ۽ قيمت ادا ڪري ڇڏي ۽ هو مستقرض (قرض وٺڻ واري) کي سو روپيا قيمت ادا ڪري ڇڏي. نتيجو اهو ٿيو تہ مقرض (قرض ڏيڻ واري) جي شيءِ انهيءَ وٽ اچي وئي ۽ مُستَقرِض (قرض وٺڻ واري) کي سو روپيا ملي ويا، پر مُقرِض (قرض ڏيڻ واري) جا انهيءَ جي ذمي هڪ سو ڏهہ روپيا لازم رهيا.[2] (خانيه)

(3)... مُقرِض (قرض ڏيڻ واري) پنهنجي ڪا شيءِ مستقرِض (قرض وٺڻ واري)

---

[1] المرجع السابق
[2] الفتاویٰ الخانيه، كتاب البيع، فصل فيما يكون فرارًا عن الربا، ج1، ص408

جي هٿ تيرهن روپين ۾ ڇهن مهينن جي واعدي تي فروخت ڪئي ۽ قبضو ڏئي ڇڏيو. پوءِ مستقرض (قرض وٺڻ واري) انهيءَ ئي شيءِ کي اجنبي جي هٿ تي وڪڻي ۽ انهيءَ فروخت جو اِقالو ڪري وري انهيءَ ئي شيءِ کي مقرض (قرض ڏيڻ واري) جي هٿ ڏهن روپين ۾ وڪڻيائين ۽ ڏهہ روپيا وٺي ورتا. انهيءَ جو بہ اهو ئي نتيجو ٿيو تہ مقرض (قرض ڏيڻ واري) جي شيءِ واپس اچي وئي ۽ مستقرض (قرض وٺڻ واري) کي ڏهہ روپيا ملي ويا. پر مقرض(قرض ڏيڻ واري) جا انهيءَ جي ذمي تيرهن روپيا[1] واجب ٿيا.[2] (خانيه)

(4)... وياج کان بچڻ جي هڪ صورت بيع عينه آهي. امام محمد رَحۡمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيۡهِ جن فرمايو: بيع عينه مڪروهہ آهي، ڇاڪاڻ تہ قرض جي خوبي ۽ حسن سلوڪ کان فقط نفعي جي خاطر بچڻ چاهي ٿو ۽ امام ابو يوسف رَحۡمَةُ اللهِ تَعَالٰی جن فرمايو تہ سٺي نيت سان هجي تہ انهيءَ ۾ حرج ڪونهي بلڪ بيع ڪرڻ وارو ثواب جو مستحق آهي، ڇاڪاڻ تہ هو وياج کان بچڻ چاهي ٿو. مشائخ بلخ جن فرمايو: بيع عينه اسان جي زماني جي اڪثر تجارتن کان بهتر آهي. بيع عينه جي صورت هيءَ آهي تہ هڪ شخص ٻئي کان مثلاً ڏهہ روپيا قرض گهريا. انهيءَ چيو: آئون قرض ڪونہ ڏيندس. باقي هي ڪري سگهان ٿو تہ هيءَ شيءِ تنهنجي هٿ تي ٻارهن روپين ۾ وڪڻان ٿو. جيڪڏهن تون چاهين تہ خريد ڪري وٺ. انهيءَ کي بازار ۾ ڏهن روپين ۾ فروخت ڪري ڇڏجانءِ.

---

(1) انهيءَ صورت ۾ جيتوڻيڪ اها ڳالهہ ٿي تہ جيڪا شيءِ جيتري ۾ فروخت ڪئي، نقد قيمت کان پهرين خريدار کان انهيءَ کان گهٽ ۾ خريد ڪئي، پر ڇو تہ انهيءَ صورت مفروضہ ۾ هڪ فروخت جيڪا اجنبي سان ٿي، وچ ۾ فاصل (الڳ ڪرڻ واري، فرق ڪرڻ واري) ٿي وئي، تنهنڪري اها فروخت جائز آهي.

(2) الفتاويٰ الخانيه، كتاب البيع، فصل فيما يكون فرارًا عن الربا، ج1، ص408

توکي ڏھ روپيا ملي ويندا ۽ کم ھلي ويندو ۽ انھيءَ صورت سان خريد و فروخت ٿي. بائع (وڪڻڻ واري) وڏيڪ نفعو حاصل ڪرڻ ۽ وياج کان بچڻ جو اھو حيلو ڪيو تہ ڏھن جي شيءِ ٻارھن ۾ وڪڻي ڇڏي. ھن جو ڪم ھلي ويو ۽ ڪيس چڱو خاصو نفعو ملي ويو. ڪجھہ ماڻھن ان جو ھي طريقو ٻڌايو آھي تہ ٽين شخص کي پنھنجي خريد ۽ فروخت ۾ شامل ڪريو يعني مُقرِض (قرض ڏيڻ واري) قرضدار جي ھٿ اُن کي ٻارھن ۾ وڪيو ۽ قبضو ڏئي ڇڏيو. پوءِ قرضدار ثالث (ٽين) جي ھٿ ڏھن روپين ۾ وڪرو ڪري قبضو ڏئي ڇڏيو. انھيءَ مُقرِض (قرض ڏيڻ واري) جي ھٿ ڏھن روپين ۾ وڪيو ۽ قبضو ڏئي ڇڏيو ۽ ڏھہ روپيا قيمت جا مقرض (قرض ڏيڻ واري) کان وصول ڪري قرضدار کي ڏئي ڇڏيا. نتيجو اھو ٿيو تہ قرض گھرڻ واري کي ڏھہ روپيا وصول ٿي ويا، پر ٻارھن ڏيڻا پوندا، ڇاڪاڻ تہ اھا شيءِ ٻارھن ۾ خريد ڪئي آھي.[1]

(خانيہ، فتح، رد المختار)

## ملاوٽ واري ڪاروبار کان توبھہ:

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! علمِ دين ۽ سنتون سکڻ جو ھڪ بھترين ذريعو دعوتِ اسلامي جا سنتن جي تربيت جا مدني قافلا بہ آھن. دعوتِ اسلامي جي مدني ماحول جون وڏيون برڪتون آھن. انھيءَ ماحول سان وابستہ ٿي ڪري معاشري جا بگڙيل ماڻھو سنتن جا پيڪر بڻجي ويا. جيئن، باب المدينہ مدني پوره جنھن کي پيم پوره بہ چوندا آھن، جي ھڪ اسلامي ڀاءُ جو بيان آھي، جنھن جو خلاصو ڪجھہ ھن طرح آھي: ھو چون ٿا

[1] الفتاويٰ الخانية، كتاب البيع، فصل فيما يكون فرارًا عن الربا، ج1، ص408، وفتح القدير كتاب الكفالة، ج6، ص324 ورد المحتار، كتاب البيوع، باب الصرف، مطلب في بيع العينة، ج7، ص576

تہ آئون اهڙو بي نمازي هئس جو جمعي جي نماز بہ نہ پڙهندو هئس. خوش قسمتي سان مون تبليغِ قرآن ۽ سنت جي غير سياسي تحريڪ دعوتِ اسلامي جي تحت گلزارِ مدينہ مسجد آگرا تاج ۾ عاشقانِ رسول صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم سان گڏ رمضان المبارڪ جي آخري عشري 1425ھ بمطابق 2004ع جي اجتماعي اِعتِڪاف ۾ ويهڻ جي سعادت حاصل ڪئي. ڏهن ڏينهن ۾ عاشقانِ رسول جي صحبت منهنجي دلي ڪيفيت کي بدلائي ڇڏيو. الحمدللہ عَزَّوَجَلَّ مون ڪجهہ نہ ڪجهہ نماز سکي ورتي ۽ پنجن وقتن جي نماز باجماعت جو پابند بڻجي ويس ۽ پوءِ سلسلہ عاليہ قادريہ رضويہ عطاريہ ۾ داخل ٿي ڪري حضور غوثِ اعظم جو مريد بہ بڻجي ويس. رب تبارڪ و تعاليٰ جي فضل ۽ ڪرم سان نيڪ عملن جو اهڙو ذهن مليو جو لڳ ڀڳ 63 کان وڌيڪ مدني انعامات تي عمل جي ڪوشش جاري آهي.

مڪتبة المدينه جا شايع ٿيل رسالا ڪثرت سان پڙهڻ جي عادت بڻجي وئي ۽ اعتڪاف جو هڪ وڏو انعام هي مليو تہ آئون جيڪو ملاوٽ وارن مرچ مصالحن جي سپلائي جو سڄي سنڌ ۾ گناهن ڀريو ڪم ڪندو هئس، اهو ترڪ ڪري ڇڏيو. منهنجي مصالحي جي ڪارخاني ۾ تقريبًا 44 ملازم ڪم ڪندا هئا. مون اهو ڪارخانو ئي ختم ڪري ڇڏيو ڇاڪاڻ تہ دور تمام نازڪ آهي، وڏي پيماني تي خالص مصالحن جو ڪاروبار ڪرڻ لاءِ بازار ۾ وڃڻ انتهائي مشڪل آهي. اڄڪلهہ مسلمانن جي صحت جي ڪنهن کي لڳي آهي، بس ماڻهن کي دولت گهرجي چاهي اُها حلال هجي يا معاذ الله حرام. بهرحال، عاشقانِ رسول جي صحبت جي برڪت سان آئون حلال رزق حاصل ڪرڻ ۾ مشغول ٿي ويس.

الحمدلله عَزَّوَجَلَّ دعوتِ اسلامي جي مدني ماحول جي برڪت سان اشراق ۽ چاشت، اَوّابين ۽ تهَجُّد جي نفلن سان گڏوگڏ پهرين صف ۾ نماز جي به عادت ٻڻجي وئي.

اها دعوتِ اسلامي جي اعتڪاف جي هڪ بهار آهي ته هڪ ملاوت ڪرڻ وارو شخص ڪهڙي طرح مدني ماحول جي برڪت سان حلال رزق ڪمائڻ وارو ٻڻجي ويو ۽ پنهنجو اهو ڪاروبار ئي بند ڪري ڇڏيائين. **الله** تبارڪ وتعاليٰ اسان سيني کي به صالح عمل (نيڪ عمل) ڪرڻ جي توفيق عطا فرمائي.

اٰمِين بِجَاهِ النَّبِيِّ الْاَمِين صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد
تُوبُوا اِلَى الله! اَسْتَغْفِرُالله
صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

**وياج جي خلاف جنگ**
**جاري رهندي**
**ان شاء الله** عَزَّوَجَلَّ
**برڪتن جا چور وياج خور وياج خور**
**قفلِ مدينه لڳو رهندو**
**ان شاء الله** عَزَّوَجَلَّ

# المآخذ والمراجع

1- القران الكريم: المكتبة المدينة.
2- ترجمة القران الكريم: امام احمد رضا خان المتوفى1340ھ المكتبة المدينة.
3- تفسير نور العرفان: مفتي احمد يار خان نعيمي المتوفي 1391 ھ.
4- تفسيرخزائن العرفان: سيد نعيم الدين مراد آبادي المتوفي 1367ھ المكتبة المدينة.
5- الجامع لاحكام القران: ابوعبدالله احمدانصارى قرطبى المتوفى 671ھ دارالفكر بيروت.
6- تفسير الدر المنثور: امام جلال الدين عبدالرحمن سيوطى شافعى رحمة الله تعالى عليه المتوفى911 ھ دارالفكر بيروت.
7- صحيح البخاري: الإمام أبو عبد الله محمد بن إسماعيل البخاري المتوفي 256ھ دار الكتب العلمية بيروت.
8- صحيح المسلم: الإمام أبو الحسين مسلم بن الحجاج القشيري المتوفي 261ھ دار ابن حزم.
9- سنن ابن ماجه: الإمام أبو عبد الله محمد بن يزيد بن ماجه المتوفي 273ھ دار المعرفة بيروت.
10- سنن أبي داؤد: الإمام ابو داؤد سليمان بن الأشعث السجستاني المتوفي 275ھ دار إحياء التراث العربي بيروت.
11- سنن الترمذي:الإمام أبوعيسى محمد بن عيسى الترمذي المتوفي 279ھ دارالفكر بيروت.
12- سنن النسائي: الإمام أبو عبد الرحمن أحمد بن شعيب النسائي المتوفي 303ھ دار الكتب العلمية بيروت.
13- مسند أحمد: الإمام أحمد بن حنبل المتوفي 241ھ دار الفكر بيروت.
14- الموسوعه: ابوبكرعبد الله بن محمد بن ابى دنيا رحمة الله تعالي عليه المتوفى281 ھ دارالكتب العلمية.
15- مسندابى يعلى شيخ الاسلام ابويعلى احمدموصلى المتوفى307 ھ دارالكتب العلمية.
16- المعجم الكبير: الإمام أبو القاسم سليمان بن أحمد الطبراني المتوفي 360ھ دار إحياء التراث العربي بيروت.
17- المعجم الاوسط: الإمام أبو القاسم سليمان بن أحمد الطبراني المتوفي 360ھ دار إحياء التراث العربي بيروت.
18- المستدرك: امام محمد بن عبد الله حاكم المتوفى405 ھ دارالمعرفة.
19- حليه الاولياء: امام حافظ ابونعيم اصفهاني المتوفى430 ھ دارالكتب العلمية.
20- شعب الايمان:امام ابوبكر احمد بن حسين بيهقى المتوفى 458 ھ دارالكتب العلمية.

21- كتاب الزهد:الامام عبدالله بن مبارك مروزي المتوفي 181 هـ دار الكتب العلمية.
22- كتاب الزهد: الإمام أحمد بن حنبل المتوفي 241هـ دار الغد الجديد.
23- الفتاوى الهندية: مولانا شيخ نظام المتوفي 1161 هـ و جماعة من علماء الهند دار الفكر.
24- الفتاوي الخانية: قاضي حسن بن منصور اوزجندي المتوفي 592 هـ بشاور.
25- رد المحتار:علامه سيد محمد امين ابن عابدين شامي المتوفي 1252 هـ.
26- فتح القدير:علامه كمال الدين بن همام المتوفي861 هـ كوئته.
27- الفتاوى الرضوية: الإمام أحمد رضا خان المتوفي 1340هـ رضا فاؤنديشن لاهور.
28- غمزعيون البصائر شرح الآشباه والنظائر: علامه سيد احمد بن محمد الحموي المصري المتوفي 970 هـ ادارة القران كراتشي.
29- قرة العيون(مترجم): فقيه ابو الليث محمد بن احمد سمر قندي المكتبة المدينة.
30- العقد الفريد: الفقيه احمد بن محمد بن عبد ربه الاندلسي المتوفي 328 هـ دار الكتب العلميه.
31- تذكرة الحفاظ: الامام محمدبن احمد الذهبي المتوفي 748هـ دارالكتب العلميه.
32- احياء علوم الدين: ابو حامد امام محمد بن محمد غزالي المتوفي 505 هـ دار الصادر.
33- النهاية: الامام مجد الدين ابي السعادات المبارك بن محمد ابن كثير الجزري المتوفي 606هـ دار الكتب العلميه.
34- الكبائر: الامام محمد بن احمد بن عثمان الذهبي المتوفي748 هـ پشاور.
35- *جہنم میں لے جانے والے اعمال*،علامه ابو العباس احمد بن محمد بن حجرهيتمي المتوفي 974 هـ المكتبة المدينة.
36- ذم الهوي: الامام ابي الفرج عبدالرحمن بن الجوزي المتوفي 597 هـ پشاور.
37- اتحاف السادة المتقين:علامه سيد محمد بن محمد حسيني زبيدي المتوفي 1205 هـ دار الكتب العلمية.
38- تذكرة الاولياء: شيخ فريد الدين محمد عطار المتوفي 616/606 هـ انتشارات گنجينه تهران.
39- مناقب الامام الاعظم ابي حنيفة: الامام الموفق بن احمد المكي المتوفي 568هـكوئته.
40- القول البديع: الامام حافظ محمد بن عبدالرحمن سخاوي المتوفي902هـ مؤسسة الريان.
41- بهار شريعت:مفتي محمد امجد علي اعظمي المتوفي 568هـ المكتبة المدينة.
42- فيضانِ سنت: اميراهلسنت ابوبلال محمدالياس عطار قادري رضوى المكتبة المدينة.
43- *چندے کے بارے میں سوال جواب*: امير اهلسنت المكتبة المدينة.

# فهرست


كتاب کي پڑھڻ جون 13 نيّتون.......................................................1
وياج ۽ ان جو علاج ......................................................2
رت جو درياء:........................................................2
خطرناڪ بيماري:.......................................................3
تي خوش نصيب شخص:.......................................................3
قرض ڏيڻ جو ثواب:.......................................................4
قرضدار تي نرمي سان بخشش تي وئي:.......................................................5
وياج جي شبهي کان بچڻ:.......................................................7
قرآن ڪريم ۾ وياج جي حُرمت جو بيان.......................................................8
حديثن مبارڪن ۾ وياج جو حرام هئڻ.......................................................10
هلاڪ ڪندڙ ست شيون:.......................................................11
وياج سان سجي آبادي هلاڪ تي وجي تي:.......................................................11
وياج سان پاڳل پڻ ٿهلجي تو:.......................................................11
وياج خور جي پيٽ ۾ نانگ:.......................................................11
وياج جي ڪاروبار ۾ شرڪت باعثِ لعنت آهي:.......................................................12
وياج کائڻ جڻ پنهنجي ماءُ سان زنا ڪرڻ:.......................................................12
آخرت جي سوچ نہ رکڻ وارا ماڻهو :.......................................................13
بزرگن جو انداز زندگي:.......................................................16
با رونق گهر ڏسي روئي پيا:.......................................................16
دنيا، آخرت جي تياريءَ لاءِ ئي آهي:.......................................................16
آهہ وياج ئي وياج:.......................................................17
وياج خور لاءِ اعلانِ جنگ:.......................................................19
وياج جي نحوست ۽ انهيءَ جون تباهہ ڪاريون.......................................................21
وياج خور حاسد بڻجي وجي تو:.......................................................22
وياج خور بي رحم تي وجي تو:.......................................................22
وياج خور مال جو لالچي تئي تو:.......................................................23
باهہ کان ڊڄو:.......................................................24
تہ اها الله عَزَّوَجَلَّ جي طرفان ڍر آهي:.......................................................25
گناهن کي ستو سمجهڻ ڪفر آهي:.......................................................25
عبرت انگيز ڪتبو:.......................................................26
وياج خور جو مال ان کي ڪو نفعو نتو ڏي:.......................................................28
وياج جو انجام گهٽتائي تي تئي تو:.......................................................29
برڪت ۽ ڪثرت ۾ فرق:.......................................................30

وياج خور مظلوم جي بددعا سان هلاڪ ٿي ويو:..................................31
وياج خور حڪيم جو عبرتناڪ موت:..................................................32
وياج سان معيشت برباد ٿي وڃي ٿي:................................................33
ڏوهن جو اضافو: .......................................................................34
قيامت جي ڏينهن وياج خور جي حالت:................................................35
وياج خور جو نفل قبول ٿيندو نہ ڪو فرض: ..........................................36
وياج خور جي قبر مان پرندڙ باهہ نڪتي:...............................................36
حلال ۽ حرام جي فرق جو ختم ٿيڻ: ......................................................38
حرام مال مان ڪيل صدقو مقبول نہ آهي:................................................38
حرام ڪائڻ وارو باهہ جو حقدار آهي:......................................................39
حرام ڪائڻ سان دعا قبول نٿي ٿئي:.......................................................39
آهہ! نيڪيون خاڪ ٿي ويون: ...............................................................41
وياج خور ڪي ازدهي ويڙهي ورتو: ..........................................................41
وياج جو علاج...................................................................................42
پهريون علاج ڏکهين اميدن کان بچڻ:........................................................42
سامان سو برس ڪا، خبر پَل ڪي نهي:.......................................................42
جي باري ۾ چهہ فرامين مصطفيٰ صَلَّي اللّٰهُ تَعَالٰي عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ ..............................44
ٻيو علاج دنيا جي دولت کان ڇوتڪارو:.......................................................46
حقيقي دولت ...................................................................................47
حلال تي حساب ۽ حرام تي عذاب آهي: .......................................................48
ٽيون علاج قناعت:..............................................................................49
قناعت سان عزت آهي:.........................................................................51
ماڻهن جي مال کان نا اميد ٿي وڃو:...........................................................51
انسان جي پيٽ کي مٽي ئي پري سگهي ٿي: ....................................................51
قناعت پسند کي بادشاهن سان ڪهڙو ڪم؟......................................................54
اميرِ اهلسنت جي تحرير جو اثر: ...............................................................55
وياج جو چوٿون علاج موت جو تصور: ..........................................................57
موت کان غفلت جو سبب:.........................................................................58
بانس جي جهونپڙي:................................................................................59
موت کان غفلت: .....................................................................................59
غفلت جو انجام: .....................................................................................62
پنجون علاج وياج کان بچڻ جو حيلو:...........................................................65
ڪَن ٽوپائڻ جو رواج ڪڏهن کان ٿيو؟...........................................................66
وياج کان بچڻ جون صورتون:......................................................................67
ملاوٽ واري ڪاروبار کان توبهہ: .................................................................73

